روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) ڇنڇر 03 جون 2023ع بمطابق 13 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 09

# وفاقي حڪومت پاران نوجوانن جي پڙهائي لاءِ انڊومينٽ فنڊ قائم ڪرڻ جو حڪم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پي ايس ڊي پي جي بجيٽ تجويزن تي اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

پي ايس ڊي پي ۾ نوجوانن جي ترقي لاءِ بجيٽ ۾ خاص رقم رکي وڃي، بجيٽ ۾ اعليٰ تعليم، پروفيشنل ٽريننگ ۽ باوقار روزگار جا قدم شامل ڪيا وڃن: وزيراعظم

نوجوانن جي اعليٰ تعليم لاءِ پاڪستان انڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو وڃي، شاگردن کي آئي ٽي سان آراسته ڪرڻ لاءِ مفت ليپ ٽاپ پروگرام شامل ڪيو وڃي

انڊومينٽ فنڊ مان اعليٰ ۽ پروفيشنل تعليم ۽ آئي ٽي ۾ مهارت جي تربيت ڏني وڃي، اسڪالرشپس ۽ تعليم لاءِ شفافيت ۽ ميرٽ جي عنصر کي بنيادي اهميت ڏني وڃي

ڪسان پيڪيج تحت شروع ڪيل منصوبن کي جاري رکيو وڃي ۽ قابل تجديد توانائي جي منصوبن کي بجيٽ ۾ شامل ڪيو وڃي

توانائي جي شعبي ۾ جدت لاءِ بجيٽ ۾ خاص رقم مختص ڪئي وڃي، جن منصوبن جي اهميت ختم ٿي وئي آهي انهن کي پي ايس ڊي پي جي دائري مان ڪڍيو وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پي ايس ڊي پي جي بجيٽ تجويزن تي اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو ان موقعي تي وزيراعظم چيو ته پي ايس ڊي پي ۾ نوجوانن جي ترقي لاءِ بجيٽ ۾ خاص رقم رکي وڃي، بجيٽ ۾ اعليٰ تعليم، پروفيشنل ٽريننگ ۽ باوقار روزگار جا قدم شامل ڪيا وڃن. وزيراعظم چيو ته نوجوانن جي اعليٰ تعليم لاءِ پاڪستان انڊومينٽ فنڊ قائم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

## پاڪ فوج جو حامي آهيان، پي ٽي آءِ نه ڇڏيندس: پرويز الاهي

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز الاهي پاڻ کي بي ڏوهه قرار ڏئي ڇڏيو لاهور ۾ عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي پرويز الاهي چيو ته مان بي ڏوهه آهيان ۽ پاڪ فوج جو حامي آهيان. مان ڪا پريس ڪانفرنس نه ڪندس. پي ٽي آءِ ۾ آهيان ۽ ان ۾ ئي رهندس. هن پي ٽي آءِ ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# پرويز الاهي آزاديءَ جو حڪم ملندي ئي ٻئي ڪيس ۾ گرفتار

لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ پرويز الاهي خلاف ترقياتي منصوبن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

اينٽي ڪرپشن پوليس پرويز الاهي کي عدالت ۾ پيش ڪري سندس 14 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي اپيل ڪئي

پرويز الاهي ڪان پيچا ڳاچا ڪرڻي آهي، هن اختيارن جو ناجائز استعمال ڪندي خزاني کي نقصان پهچايو: سرڪاري وڪيل

جيڪڏهن پرويز الاهي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ گهربل ناهي ته ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي: عدالت

غالب مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس به پرويز الاهي جي گرفتاري لاءِ تيار ٿي وئي آهي، پرويز الاهي خلاف غالب مارڪيٽ ٿاڻي ۾ دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل آهي

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي ڪوئيٽا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس، 9 مئي واقعن جي مذمت، مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي به فوج سان گڏ ئي رهندس

لاهور (م د) پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي هڪ ڪيس جي آزادي جو حڪم ملڻ ڪانپوءِ ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ٿي ويو لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ پرويز الاهي خلاف ترقياتي منصوبن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. اينٽي ڪرپشن پوليس پرويز الاهي کي عدالت ۾ پيش ڪري سندس 14 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي اپيل ڪئي، سرڪاري وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

## شهزاد اڪبر جي ڀاءُ جي بازيابي مامرو: آءِ جي صاحب! وردي نٿا سنڀالي سگهو ته گهر هليا وڃو: عدالت

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو

عدالت ڊي جي رينجرز ۽ آءِ جي اسلام آباد کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

آرڊر جو مقصد اصلي وردي وارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي: جسٽس محسن اختر ڪياني

اسلام آباد (رپورٽر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته شهزاد اڪبر جو ڪنيل ڀاءُ بازياب نه ٿيو ته دفاع واري وزير ۽ وزيراعظم کي گهرائيندا سين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران عدالتي حڪم تي عمل نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

## پاڪستان 200 ڀارتي ماهيگيرن ۽ 3 سويلين قيدين کي آزاد ڪندو

هن کان اڳ 198 ڀارتي ماهيگيرن کي هن سال 12 مئي تي وطن واپس اماڻيو ويو هو

هي قدم پاڪستان جي انساني همدردي جي معاملن تي سياست نه ڪرڻ جي پاليسي مطابق آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان 200 ڀارتي ماهيگيرن ۽ 3 سويلين قيدين کي آزاد ڪندو جمعي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

## پرويز خٽڪ پي ٽي آءِ جي صوبائي صدر جو عهدو ڇڏي ڏنو

ڪيترن ئي ڏينهن کان ملڪ ۾ سياسي حالتون ڏسي رهيو آهيان: پرويز خٽڪ

ملڪ جو سياسي ماحول گهڻو خراب آهي، ان ماحول ۾ هلڻ ڏکيو آهي

پشاور (م د) خيبر پختونخواهه جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ به تحريڪ انصاف خيبر پختونخواهه جي صدارت ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پريس ڪانفرنس ڪندي پرويز خٽڪ چيو ته ڪيترن ئي ڏينهن کان ملڪ ۾ سياسي حالتون ڏسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

# لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو

اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم ترين اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال دايو، ايڊيشنل سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ڪرن شيخ، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ

عوام جي سفري مشڪلاتن کي گهٽائڻ لاءِ لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس شروع ڪئي وڃي: اجلاس ۾ فيصلو

اجلاس ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ 7 ڊي آءِ جي هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جاويد علي مهر لياري ايڪسپريس وي تي ٽريفڪ جي حوالي سان اجلاس کي آگاهي ڏني

ابتدائي طور تي ٽيسٽ بس هلائڻ ۽ لياري ايڪسپريس وي ۽ لياري ايڪسپريس وي تي بس سروس شروع ڪرڻ جي حوالي سان سروي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار عوام جون سفري مشڪلاتون گهٽائڻ لاءِ لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس جي نان اسٽاپ سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ هڪ اهم ترين اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايم ڊي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

## راول ڊيم ۾ زهريلو ڪيميڪل ملائي هزارين آبي جيوت کي ماريو ويو

اسلام آباد (م د) راول ڊيم ۾ زهريلو ڪيميڪل ملائي هزارين آبي جيوت کي ماريو ويو. زهريلي ڪيميڪل سان وڏي انگ ۾ مڇيون، آبي پکي، ڪميون ۽ ٻيا آبي جيوت مري ويا. زهريلي ڪيميڪل ملائڻ جي الزام ۾ ٻن شخصن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي درخواستگذار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

# ايندڙ مالي سال قومي ترقياتي بجيٽ 2458 ارب رپيا رکڻ جي تجويز

وفاقي وزارتن جي ترقياتي بجيٽ 359 ارب رپيا، ڪارپوريشنز لاءِ 141 ارب رکڻ جي تجويز ڏني وئي

خاص ايرياز آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان لاءِ 55 ارب جي ترقياتي بجيٽ جي تجويز ڪئي وئي

پنجاب جي ترقياتي بجيٽ 426 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جيڪا جولاءِ کان آڪٽوبر رڳو 4 مهينن لاءِ آهي

اسلام آباد (م د) ايندڙ مالي سال قومي ترقياتي بجيٽ 2458 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. دستاويز موجب وفاقي ترقياتي بجيٽ 900 ارب رکڻ جي تجويز ڪئي وئي آهي ۽ صوبن جي ترقياتي بجيٽ 1558 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻو صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات بعد بيٺل آهي

## ترين جون ملاقاتون جاري، پي ٽي آءِ جو هڪ ٻيو اڳوڻو وزير سندس گروپ ۾ شامل

لاهور ۾ جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻي صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پير سيد سعيد الحسن جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

سيد سعيد الحسن جو واسطو نارووال سان آهي ۽ ٽڪ پي پي 46 مان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي اسيمبلي ميمبر چونڊيو هو

لاهور (م د) سينيئر سياستدان جهانگير ترين جي گروپ ۾ تحريڪ انصاف جي اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن جي شموليت جو سلسلو جاري آهي. لاهور ۾ جهانگير ترين سان اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت اڳوڻي صوبائي وزير سعيد الحسن ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

## پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي به فوج سان گڏ ئي رهندس: عثمان بزدار

14 مهينن کان مختلف عدالتن ۾ ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهيان

حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ عمران خان عثمان بزدار کي وڏي وزارت تان هٽائي پرويز الاهي کي وڏو وزير مقرر ڪيو هو

پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير ۽ تحريڪ انصاف اڳواڻ عثمان بزدار

ڪوئيٽا (م د) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ تحريڪ انصاف اڳواڻ عثمان بزدار سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

## سماجي اڳواڻ جبران ناصر جي اغوا جو ڪيس داخل

جبران ناصر جي گهرواري مڙس جي مبينا اغوا تي ڪيس جي درخواست ڪلفٽن ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي

پوليس منهنجي درخواست تي ڪيس داخل نه پئي ڪري، جنهن لاءِ عدالت سان رابطو ڪندس: منشا پاشا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ سماجي اڳواڻ جبران ناصر جي اغوا جو ڪيس داخل ڪيو ويو. جبران ناصر جي گهرواري منشا پاشا مڙس جي مبينا اغوا تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

## حليم عادل شيخ تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر مقرر

علي زيدي طرفان پارٽي ڇڏڻ ڪانپوءِ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر جو عهدو خالي هو

علي زيدي 24 مئي تي تحريڪ انصاف ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو هو

ڪراچي (م د) حليم عادل شيخ کي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي. علي زيدي طرفان پارٽي ڇڏڻ ڪانپوءِ پي ٽي آءِ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ سان پنجاب بار ڪائونسل جو وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

## چيف جسٽس سان اختلافن جون خبرون، جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وضاحت جاري ڪري ڇڏي

جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس، جتي جسٽس عمر عطا بنديال به ان سان ملڻ لاءِ پهتو: قاضي فائز عيسيٰ

ڪنهن اهو لمحو ڪارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طوران ڳالهه جي واڌ ڪري ڇڏي ته مان جسٽس بنديال کي سلام نه ڪيو

ميڊيا ۾ غلط تعبيرون سامهون آيون آهن، منهنجي درخواست آهي ته حقيقت جي ابتڙ خبرون نه هلايو

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ چيف جسٽس عمر عطا بنديال

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيف جسٽس عمر عطا بنديال سان اختلافن جي خبرن تي وضاحت جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

## هڪ ڏينهن لهڻ ڪانپوءِ آمريڪي ڊالر اڃ وري چڙهي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو ٿي 300 رپين جي سطح تي اچي ويو

ڪاروبار جي پڄاڻي تي هڪ ڊالر 285 رپين 68 پئسن جو رهيو

ڪراچي (م د) هڪ ڏينهن گهٽجڻ ڪانپوءِ آمريڪي ڊالر پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ وري چڙهي ويو اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## ايڪسائيز کاتي پاران روڊ چيڪنگ مهم 05 جون کان شروع ٿيندي

مهم جو مقصد ٽيڪس نه ادا ڪندڙ گاڏين کان ٽيڪس جي وصولي آهي: مڪيش ڪمار چاولا

روڊ چيڪنگ مهم لاءِ 9 ٽيمون جوڙيون ويون، 37 مختلف جڳهن تي چيڪنگ ڪندي

ٽيڪس ادا نه ڪندڙ ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪسز فوري طور تي ادا ڪن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ انسداد منشيات مڪيش ڪمار چاولا جي هدايت تي پوري صوبي ۾ ٽيڪس نه ادا ڪندڙن گاڏين کان ٽيڪس وصولي جي روڊ چيڪنگ مهم سومر ڏينهن 05 جون کان شروع ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

## پي ٽي آءِ جي گرفتار عورتن جيل ۾ زيادتي جي ڳالهه ترديد ڪري ڇڏي

جيئڻ گهر تي ڪاهه ڪئي وئي، ڇا اهو عمل مذمت جوڳو ناهي؟: عاليا حمزه

جيڪڏهن توهان کي سوشل اڪائونٽن سان مسئلو آهي ته سوشل ميڊيا جا ڪيس ڪيو

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جي گرفتار عورتن جيل ۾ زيادتي جي خبرن تي ترديد ڪري ڇڏي. عدالت ۾ پيشي کان اڳ پي ٽي آءِ جي گرفتار عورت صنم جاويد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## سنجيده ڳالهيون رڳو وزيراعظم سان ٿي سگهن ٿيون: رانا ثناءالله

ڪيس تحريڪ انصاف کان الحيدگي وارو نه آهي پرويز الاهي وڏي وزير طور پنهنجي موجوده دور ۾ گهٽي ڪرپشن ڪئي

فرح گوگي ٽيڪن ۾ 10 سيڪٽر ڪميشن ۽ گرين لينڊ کي برائونڊ لينڊ ڪرائي اربين رپيا ڪمايا

جهاز جي ذريعي سندس پٽ مونس الاهي ڊالر ٻاهرين ملڪ منتقل ڪيا ويا: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله چيو آهي ته تحريڪ ۽ حڪومت وچ ۾ ڳالهيون رڳو وزيراعظم شهباز شريف جي ذريعي ٿي سگهن ٿيون ٽيڪنيڪل تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته جيڪڏهن سنجيده ڳالهيون چاهيو ٿا ته اهو صرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاڻي اسپتال ۾ بيٺل آهي

## صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاني جي واقعي جو نوٽيس ورتو

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن کاتي واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پوهومل شيوڪاڻي جي واقعي جو سخت نوٽيس ورتندي جوابدار کي جلد گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ صوبائي وزير ابراهيم حيدري ۾ پوهومل شيوڪاڻي ۽ اوڌه مل جي گهر مان تيل ڌاڙي جي مذاحمت ڪرڻ تي ۽ پوهومل شيوڪاڻي جي زخمي ٿيڻ واري معاملي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

## گورنر هائوس ۾ بلديا ڪراچي جي اسپتالن ۽ طاقتور پاڪستان پروگرام جو اعليٰ سطحي اجلاس

طاقتور پاڪستان پروگرام تحت هڪ لک ماڻهن کي 6 مهينن لاءِ راشن فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي به غور

بلديه عظميٰ جي سمورن طبي مرڪزن خاص ڪري انهن پنهنجي اسپتالن جي بهتري اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: گورنر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي صدارت هيٺ گورنر هائوس ۾ بلديا عظميٰ ڪراچي جي اسپتالن ۽ طاقتور پاڪستان پروگرام جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ بلديا عظميٰ ڪراچي جي اسپتالن جي بهتري لاءِ قدمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري اجلاس جي صدارت ڪندي

## پاڪستان جو ايٽم بم خطي ۾ امن جي ضمانت آهي: رضا قصوري

اسلام آباد (بيورو) اي پي ايم ايل جي چيئرمين احمد رضا قصوري چيو آهي ته پاڪستان جو ايٽم بم خطي ۾ امن جي ضمانت آهي. موجوده دور پنجين نسل جي جنگ آهي. پاڪستاني عوام ۽ فوج وچ ۾ خال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. مئي، 9 آگسٽ ملڪ جو ڪارو ڏينهن آهي. ملڪ جي 75 سالن جي تاريخ ۾ پهرين پيرو فوج کي نشانو بڻايو ويو. مياڻوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: اي پي ايم ايل جو چيئرمين احمد رضا قصوري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

## سنڌ حڪومت پاران غير قانوني حدخلين ۽ هائيڊرنٽس خلاف ڪارروائي جو فيصلو

چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

غير قانوني هائيڊرنٽس جيڪڏهن ٻيهر چالو ٿيا ته لاڳاپيل ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ غير قانوني حدخلين ۽ هائيڊرنٽس خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪيو آهي ان حوالي سان سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

## خيرپور جي اسڪول ۾ امتحان دوران شاگردياڻي تي وحشياڻو تشدد، وار ڇني تذليل

نساءُ وساڻ طرفان 5 عورتن امتحاني سينٽر ۾ داخل ٿي هلندڙ پيپر ۾ ناحيل مهيسر تي ڪلاس اندر حملو ڪيو

جوابدار عورتن شاگردياڻي کي وارن کان گهلي سخت مارڪٽ ڪئي ۽ ڪيس ر توت ڪري مٿي جا وار پٽي ڇڏيا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي اسڪول ۾ معمولي ڳالهه تان ڇوڪرين جي هڪ گروهه شاگردياڻي کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻايو ۽ سندس وار پٽي ڇڏيا، 4 ڏينهن اڳ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول خيرپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

## واٽر بورڊ جي سي اي او پاران پاڻي ۾ ڪلورين بدران فنائل ملائڻ جي خبرن جي سختي سان ترديد

واٽر بورڊ نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي: انجنيئر سيد صلاح الدين احمد

عالمي اداري جي مقرر معيار ۽ مقدار موجب فراهم ڪيل پاڻي ۾ ڪلورين جي گهربل مقدار شامل ڪئي پئي وڃي

واٽر بورڊ هر مهيني ضرورت مطابق ڪلورين جا 240 سلنڊر استعمال ڪري ٿو: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران پاڻي ۾ ڪلورين بدران فنائل ملائڻ جي خبرن جي سختي سان ترديد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

## هي حڪومت اسان جي ناهي پي ڊي ايم جي آهي: ڪيپٽن (ر) صفدر

مان پڻ بغاوت جي ڪيس کي منهن ڏئي رهيو آهيان

مون کي هر پيري سوال ايندو آهي ته مياں صاحب ڪڏهن ايندو

لاهور (م د) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر چيو آهي ته هي حڪومت اسان جي نه آهي پر پي ڊي ايم جي حڪومت آهي. لاهور جي ضلعي ڪچهري ۾ ڳالهائيندي ڪيپٽن (ر) صفدر چيو ته الميو اهو آهي ته مان 6 سالن کان ڪيس کي منهن ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

## صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ پوليس ۽ سنڌ وومين ڊولپمينٽ کاتي جي ڪوشش سان هڪ ٻي ڇوڪري بازياب

13 ورهين جي مشال منور کي 27 ڊسمبر تي ڪراچي جي علائقي سعيد آباد مان اغوا ڪيو ويو هو

سنڌ جي وومين ڊولپمينٽ واري صوبائي وزير شهلا رضا به مشال جي بازيابي لاءِ آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪئي

پوليس جي اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل قائد آباد مان ڇوڪري مشال کي بازياب ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شهلا رضا، سنڌ پوليس ۽ سنڌ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ڪوشش سان هڪ ٻي عيسائي ڇوڪري کي بازياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت واري وزير سيد سردار علي شاهه جي هدايت تي اسڪول ايجوڪيشن کاتي ۾ ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر (اي سي ٽي) جي 1500 خالي جاين تي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

## ڪينيڊا جي سماجي ڪارڪن پوليس آفيسر جي قتل ۾ جيل جي سزا کان بچي وئي

ڪراچي (م د) ڪينيڊا جي سماجي ڪارڪن جاسمين هارٽن پوليس آفيسر جي قتل جو الزام ثابت ٿيڻ باوجود جيل جي سزا کان بچي وئي. پرڏيهي خبرون اداري موجب عدالت 34 ورهين جي جاسمين کي 30 هزار پائونڊ ۽ 300 ڪلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

## مراد سعيد جي گرفتاري لاءِ ڪي پي ڪي پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو

مراد سعيد کي ڪي پي ڪي، پنجاب ۽ اسلام آباد پوليس کي گهربل آهي

گرفتاري لاءِ خيبرپختونخواهه پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ مراد سعيد جي گرفتاري لاءِ خيبرپختونخواهه پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

## ٽل ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان صدام لاشاري جي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري

نوجوان صدام لاشاري کي مبينا مقابلي ۾ چار گوليون لڳيل آهيون: رپورٽ

ٻه گوليون سيني ۾ ۽ ٻه گوليون جسم جي مختلف حصن ۾ لڳيون هيون

ٽل (رپورٽر) ٽل ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان صدام لاشاري جي پوسٽ مارٽم رپورٽ پڌري ڪئي وئي آهي. پوسٽ مارٽم رپورٽ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

# سنڌ لوئر اسٽاف جو پروموشن نه ملڻ خلاف احتجاج، اڳاري کان مڪمل تالا بندي جو اعلان

**صدر لوئر اسٽاف منظور حسين انڙ، طاهر حسين ۽ ٻين ڊائريڪٽر اسڪول آفيس آڏو احتجاج ڪيو**

**27 سالن کان لوئر اسٽاف جي پروموشن نه ٿيڻ ۾ آفيسر ملوث آهن نه ته چاهين ڪو ملازم اڳتي اچي: منظور انڙ**

**ڊاريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن رشوت عيوض ميرٽ جي لتاڙ ڪري پنهنجا من پسند ماڻهو اڳتي آڻي پيو: خطاب**

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لوئر اسٽاف پاران ڊائريڪٽر اسڪول جي آفيس آڏو 27 سالن کان پروموشن نه ملڻ خلاف صدر آل سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ لوئر اسٽاف منظور انڙ جنرل سيڪريٽري طاهر حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي: تنڊا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

**سکر ۽ پرياسي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري**

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۽ پرياسي ۾ سئي گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري، شهري پريشان. خبرموجب سئي سدرن گئس ڪمپني پاران اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب گئس جي فراهمي بند ڪئي پئي رجي، سکر شهر جي مختلف علائقن ۾ گئس جي فراهمي بند هجڻ سبب شهري سخت/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# ڪراچي جي علائقي بلاول ڪالوني مان ڪنيي گم ڪيل اصغر پنگوار جي آزادي لاءِ احتجاج

**جيئي سنڌ قومي محاذ نوابشاه پاران علي رضا خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو**

**قومي ڪارڪن اصغر پنگوار کي سنڌ سان محبت جي ڏوهه ۾ ڪنيي گم ڪيو ويو آهي: مظاهرين**

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڪراچي جي بلاول ڪالوني مان ڪنيي گم ڪيل نوجوان قومي ڪارڪن اصغر پنگوار جي آزادي لاءِ جسقم ۽ وارثن جو ڌرڻو ڏينهن به پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاج 11 جون تي جسقم جي مرڪزي وائيس چيئرمين امجد مهيسر جي اڳواڻي ۾ ڌرڻي جو اعلان. ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ عزيز پنگوار، فيصل مستوئي، الطاف انصاري، مختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

# ٻنون کان راهوٽ ويندڙ ابڙال روڊ انتهائي زبون، ٽرڪ ڌماڪي سان ڪري پئي

**ٻنون کان راهوٽ وايا ابڙال روڊ جي سالن کان وٺي مرمت نه ٿي سگهي آهي: رهواسي**

**ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، شريف ميمڻ، جمن سومرو، غلام عباس پليجو احتجاج ڪيو**

**وچ ۾ تقريبن 15 کان وڌيڪ برج موريون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن، ڪير به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين**

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون کان راهوٽ ويندڙ ابڙال روڊ انتهائي زبون ٿيڻ سبب راهوٽ پل مال بردار ٽرڪ گذرڻ سبب ڌماڪي سان ڪري پئي. لکين روپين جو نقصان، ٻنون راهوٽ ۽ ابڙال ۽ ٻين شهرن جي ايندڙ ويندڙ گاڏين جي آمدرفت بند. گوناڻن طرفان روڊ تعمير نه ٿيڻ خلاف احتجاج. تفصيل موجب ٻنون کان راهوٽ وايا ابڙال روڊ جي سالن کان وٺي مرمت نه ٿي سگهي. پٿر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو: روڊ زبون حال هئڻ سبب ڪلٽي ٿيل ٽرڪ جو ڏيک

**پ پ هميشه پارٽي مٿان سر قربان ڪندڙن جي اولاد کي اوليت ڏني آهي: اڳواڻ**

ٺٽون ديرو (شاه محمود پٽو) پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پارٽي مٿان سر قربان ڪندڙن جي اولاد کي اوليت ڏني آهي مخصوص سيٽن جي فارم بحالي ڪانپوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان مخصوص سيٽن جي اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏي حتمي لسٽ به جمع ٿي وئي، ذريعن موجب پاڪستان پيپلزپارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# سکر پوليس پاران هڪ ئي رات ۾ 3 مبينا مقابلا، ٽن ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

**ساڃي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گوليون هڻي ٽن مبينا ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي لازوال دعويٰ**

**نئون پنڊ ٿاڻي جي پوليس نئون ڳوٺ قبرستان واري علائقي ۾ ڌوهارين سان مقابلو ڪري ڌوهاري گرفتار ڪيو**

**سي سيڪشن پوليس ڊي اين ڊي ٽاور واري علائقي ۾ مقابلي دوران اقرار علي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو**

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس هڪ ئي رات ۾ 3 مبينا مقابلا، ٽن ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ، مقابلا ڪندڙ اهلڪار ٺوبچي بچيل، گوڏي هيٺان گولي هڻڻ وارو رڪارڊ برقرار، خبرموجب سکر پوليس جا اهلڪار ٺوبچي بچي ويا آهن. سکر شهر ۾ گذريل رات ديرسان 3 مبينا مقابلا ڪري ساڃي ٽنگ ۾ گوڏي هيٺان گوليون هڻي ٽن مبينا ڌوهارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# نوشهرو فيروز ۾ رانجهڻ چانڊيو ۽ محمد يعقوب چانڊيو جي ٻن ڌرين وچ ۾ تڪرار جو نبيرو

**ڳوٺ محمد ابراهيم چانڊيو ديه ڳاڙهو ۾ فوجي علي مراد چانڊيو ۽ علي شير چانڊيو ڳالهيون ٻڌيون**

**ماضي ۾ پيش ايندڙ معاملن مسئلن سميت ڪا به ڳالهه نه ڪرڻ ۽ قرآن پاڪ رکي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو**

**مومن علي ڪوسو، اڪبر علي ماڇي، امداد چانڊيو، خادم برڙو، خادم چانڊيو، سعيد خان چانڊيو شريڪ ٿيا**

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) عزتون ڪرڻيون ۽ محبتون ڏيڻيون هونديون آهن ته سمورو ڪڇ وساري ڇڏيو آهي. سلام هجي ٻنهي ڌرين کي. الله پاڪ اوهان کي هميشه هڪ ٿي رهڻ جي توفيق ڏئي ڏهن سالن کان رانجهڻ چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: چانڊيا برادري ۾ ڏاهه بعد ڌريون ڀاڪر پائي رهيون آهن

**گمبٽ پرسان ڳوٺ قائم خان چانڊيو ۾ مدرسي جي مولوي جو نينگر تي تشدد**

گمبٽ (عبدالحئ شيخ) گمبٽ پرسان ڳوٺ قائم خان چانڊيو ۾ مدرسي جي مولوي جو معصوم يتيم نينگر مٿان بي رحمانو تشدد، معصوم ڪتابي کي اڻ ويهڻ کان لاچار ڪري ڇڏيو، وارثن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو خبر مرجب گمبٽ پرسان ڳوٺ قايم خان چانڊيو جي رهواسي هڪ نوجوان پنهنجي معصوم پاٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# ٽنڊو محمد خان جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري جي اڳواڻي ۾ احتجاج

**مير غلام علي پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو**

**جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ سندس ساٿي روشن ٽاڪر کي ظاهر نه ڪيو: اڳواڻ**

**مسلسل احتجاج هلي رهيا آهن، پوليس قومي اڳواڻ کي ظاهر نه ڪري ناانصافي ڪري رهي آهي**

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري جي اڳواڻي ۾ مير غلام علي پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو . انهي موقعي تي جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري ، اسماعيل نرتڪائي ، فتح جنا ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته 4 ڏينهن گذرڻ جي باوجود جسقم آريسر جي اڳواڻ عبدالخالق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# دادو ۾ هوٽل تي اوڌار تي چانهه نه ڏيڻ تان لغاري ۽ جمالي برادري ۾ جهيڙو، 10 زخمي

**جمالي برادري جي ماڻهن لغاري برادري مٿان ڏنڊن، سروٽن ۽ لٺين جو وسڪارو ڪري ڏنو**

**لغاري برادري جا همت لغاري، امير، وحيد، امتياز، مختيار، سخاوت لغاري سميت ٻيا زخمي ٿيا**

**دادو اي سيڪشن پوليس حملو ڪندڙ کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪري: متاثرين جون دانهون**

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ سبزي منڊي وٽ هوٽل تي اوڌر تي چانهه نه ڏيڻ تان لغاري ۽ جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 10 ڄڻا زخمي 2 مرٽيڪ سيوهڻ ريفر، سبزي منڊي وٽ چانهه جي هوٽل تي اوڌر تي چانهه نه ڏيڻ تان جمالي برادري جي ماڻهن جو لغاري برادري مٿان ڏنڊن، سروٽن ۽ لٺين جو وسڪارو 10 ڄڻا زخمي، زخمين ۾ لغاري برادري جا همت لغاري، امير، وحيد، امتياز، مختيار، / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو: چانهه جا پئسا گهرڻ تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل لغاري ۽ جمالي برادري جا ماڻهو اسپتال ۾ داخل آهن

**دادو جي ڳوٺ محمد علي ٻڙدي جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو**

دادو (رپورٽر) دادو جي ڳوٺ محمد علي ٻڙدي جي رهواسين صداقت علي جتوئي، نثار احمد جتوئي دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج بعد هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي دانهيو آهي ته هڪ ايڪڙ 30 گهنٽا زرعي زمين ديه خاصا چانڊيا سروي نمبر 573 ٿيو مخدوم بلاول ۾ آهي جيڪا منظار زرداري کي 70 لک ۾ وڪرو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

# نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي خلاف سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاج جو اعلان

**وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم، رينج مشين نه ڏيڻ، ويزا سسٽم خلاف اجلاس ٿي گذريو**

**محمد يونس راڄپر، منظور مغل، عبدالسلام پرٽ، قار محمد اشرف ماهنور شيخ ۽ ٻين پاران شرڪت**

**ڪاروبار به ٺپ ٿي ويو آهي هر طرف گندگي جا ڍير هجڻ ڪري شهر ڪنڊر جو ڏيک ڏئي رهيو آهي: مظاهرين**

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم ، رينج مشين نه ڏيڻ، ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي ۽ سماجي تنظيمن پاران احتجاج، اڄ کان تحريڪ هلائڻ جو اعلان خبر موجب نوشهروفيروز ۾ وڌندڙ گندگي، شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم ، رينج مشين نه ڏيڻ ، ويزا سسٽم ۽ ڪرپشن خلاف سياسي ۽ سماجي تنظيمن پاران/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# شهدادڪوٽ ۾ مگسي برادري پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

**مگسي برادري جي سڏ تي سوين شهرين شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو**

**نوجوانن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪوٽو موٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، نعريبازي**

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ مگسي برادري پاران شهر ۾ وڌندڙ بدامني، موٽرسائيڪل، موبائيل فون ڦر ۽ چوري واقعن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. مگسي برادري جي سڏ تي سوين شهرين شهر ۾ وڌندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

# نوشهروفيروز ۾ ڊي سي پاران انٽيگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوٽي تقريب جو افتتاح

**سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر لبنا اڪبر گهانگهرو ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي**

**ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن عبدالستار ٻلال، ڊاڪٽر سجاول احمد مشوري، ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي شريڪ**

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ پاران انٽيگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوٽي تقريب جو افتتاح سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز: سول اسپتال ۾ انٽيگريٽڊ آيوٽريڪج ايڪٽوٽي مهم جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

# سکر ۾ برسات کان بچڻ لاءِ مڪمل طور تي تياريون ڪيون ويون آهن: سيد ڪميل حيدر

**بلدياتي نظام ۾ پيپلزپارٽي جا جيڪي به اميدوار اچي رهيا آهن اهي عوام جي خدمت ڪندا**

**ڪو چيئرمين آصف علي زرداري هميشه سرپرائيز ڏنا آهن، ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو**

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين لاءِ مضبوط اميدوار سيد ڪميل حيدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# سکر جو پير مراد شاهه قبرستان هڪ ڀيرو ٻيهر گندگي جي ور چڙهيل

**گندي پاڻي سبب اڪثر قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون، اختياريون خاموش تماشائي**

**ڊرينيج جو نظام خراب هجڻ سبب نالين ۽ گٽرن جو پاڻي قبرستان ۾ ڪاهي پئجي ويو**

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جو پير مراد شاهه قبرستان هڪ ڀيرو ٻيهر گندگي جي ور چڙهيل، گندي پاڻي سبب اڪثر قبرون مسمار ٿيڻ لڳيون، احتجاج، خبر مرجب پراڻو سکر جي مائڪرو ڪالوني واري علائقي ۾ قائم قديمي پير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

# مورو ايس ايڇ او پاران پوليس نفري سان گڏ فحاشي جي اڏي تي ڇاپو، 7 ڄڻا گرفتار

**پوليس پانڌي روڊ سنڌ ڪالوني وٽ فحاشي جي اڏي تي ڇاپو هڻي ڇهن عورتن کي گرفتار ڪيو**

**غلام مرتضيٰ ولد محرم لنڊ، محمد لائق ولد ڪريم بخش سولنگي ۽ اڪرم سولنگي گرفتار ٿيا**

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو ايس ايڇ او مجيب الرحمان تاريجو پوليس نفري سان گڏ پانڌي روڊ سنڌ ڪالوني وٽ فحاشي جي اڏي تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: فحاشي جي اڏي تان گرفتار ڪيل عورتون ٿاڻي ۾ بيٺل آهن

# ڪراچي کان پڪنڪ تي آيل معصوم نينگري واٽرپارڪ ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي

**نينگري جي فوت ٿيڻ جو اطلاع ملندي ئي گهارو پوليس ايڌي ايمبولينس سان گڏ پهتي**

**فوت ٿيل نينگري جي سڃاڻپ 4 سالن منها ڌيءُ صمد جي نالي سان ٿي، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو**

گهارو (بشام جوکيو) ڪراچي کان پڪنڪ تي آيل معصوم نينگري واٽرپارڪ ۾ ٻڏي فوت نينگري جي فوت ٿيڻ جو اطلاع ملندي ئي گهارو پوليس ايڌي ايمبولينس ذريعي نينگري جو لاش رورل هيلٿ سينٽر گهارو پهچايو فوت ٿيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# خانپورمهر مان اغوا ٿيل پنهيرا برادري جي ٻن ڄڻن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

**شوڪت ۽ يونس پنهيرو جي بازيابي لاءِ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ريلي ڪڍي وئي**

**پنج گلي چوڪ کان تعلقه پريس ڪلب خانپورمهر تائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو**

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر مان اغوا ٿيل پنهيرا برادري جي ٻن ڄڻن شوڪت ۽ يونس پنهيرو جي بازيابي لاءِ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ريلي ڪڍي احتجاج مظاهرو ڪيو ويو شيعه علماءِ ڪائونسل تعلقه خانڳڙه جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپورمهر: اغوا ٿي ويل پنهيرا برادري جي ٻن ڄڻن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

# بلڊنگس اينڊ هاءِ وي ڊويزن نوشهروفيروز پاران نوجوانن کان انٽرويو ورتا ويا

**انٽرويو ايس جي اي ڊي اي گل حسن انصاري، انجنيئر هاءِ وي مسرور حسن ورتا**

**نوڪرين لاءِ تمام نوجوانن کان صاف شفاف طريقي سان انٽرويو ورتا ويا آهن: عملدار**

نوشهروفيروز (ڊ ر) بلڊنگس اينڊ هاءِ وي ڊويزن نوشهروفيروز پاران هڪ کان چار اسڪيل جي خالي جاين لاءِ ضلع جي بيروزگار نوجوانن کان انٽرويو ورتا ويا. انٽرويو ايس جي اي ڊي اي گل حسن انصاري، انجنيئر هاءِ وي مسرور حسن، انجنيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

# شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقه جعفريه پاران امام مهدي جي شان ۾ گستاخي خلاف احتجاج

**ٻارهين امام مهدي عليه السلام جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي مظاهرو ڪيو**

**احسن باڪسر وقت جي ٻارهين امام مهدي عليه السلام جي شان گستاخي ڪئي آهي: مظاهرين جو الزام**

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقه جعفريه پاران امام مهدي جي شان ۾ گستاخي واري عمل خلاف ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي. شهدادڪوٽ ۾ تحريڪ نفاذ فقه جعفريه پاران ٻارهين امام مهدي عليه السلام جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# ڪي اين شاهه ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، ڪارڪنن پاران شرڪت

**پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ وڏيون خدمتون آهن، ملڪ خاطر جان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون**

**ريلي جي اڳواڻي سنڌ سماٽ ملاح آرگنائيزيشن مرڪزي ترجمان ممتاز ملاح ڪئي**

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهه ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي، پاڪ فوج زنده باد جي زبردست نعريبازي. پاڪ فوج جون ملڪ لاءِ وڏيون خدمتون آهن. ملڪ خاطر جان ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻ خبر موجب: خيرپورناٿن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪي اين شاهه: پاڪ فوج جي حمايت ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

# ڪي اين شاهه ۾ زراعت کاتي پاران زرعي فصلن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪنوينشن

**معياري جنس جي پوکي سان ساريلي فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو: سيڪريٽري زراعت**

**ڪمپني ۽ زرعي کاتي پاران گڏيل ڪوشش سان هارين ۽ آبادگارين کي زبردست ڄاڻ ملي ٿي**

**ڊي جي زراعت هدايت الله ڇڄڙو، ڊويزنل ڊائريڪٽر اسلام الدين راجپوت، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيڊ ڪوارٽر شريڪ**

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) ڪي اين شاهه ۾ زراعت کاتي پاران زرعي فصلن جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ڪنوينشن، آبادگارن جي ڀرپور شرڪت، معياري جنس جي پوکي سان ساريلي فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو، سيڪريٽري زراعت قاضي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪي اين شاهه: زراعت کاتي پاران ڪوٺايل تقريب کي سيڪريٽري قاضي اعجاز مهيسر خطاب ڪري رهيو آهي

**قاضي احمد جي ڳوٺ علي رضا ڪوسو واسي نواب خان ڪوسو پاران احتجاجي مظاهرو**

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) قاضي احمد جي ڳوٺ علي رضا ڪوسو واسي نواب خان ڪوسو پنهنجي مائٽن علي نواز ڪوسو سهائي ڪوسو شير محمد ڪو ۽ دولتپور ايس ايڇ او جي ظلمن کان تنگ ٿي نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز پهچي ميڊيان ڳالهيندي ٻڌايو ته منهنجي پٽ محمد حنيف ڪوسو نوشهرو فيروز جي عدالت ۾ پيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# پريارو لڳ ڳوٺ وڏل ڪيريو واسي اڌڙوٽ شخص کي نانگ ڪکي ويو، گهر ۾ ڪهرام

**اڌڙوٽ محمد صادق ڪيريو کي زخمي حالت ۾ نوشهروفيروز نيو ويو جنهن دم ڏٺي حوالي ڪيو**

**پريارو روڊ اسپتال ۾ نانگ ڪکڻ جي ويڪسين موجود نه هئڻ ڪري مريض فوت ٿي وڃن ٿا: وحيد ڪيريو**

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پريارو لڳ ڳوٺ وڏل ڪيريو واسي اڌڙوٽ شخص پاڻي جي واري تي هيو ته ڪيس نانگ ڪکي ويو اڌڙوٽ شخص محمد صادق ڪيريو کي زخمي حالت ۾ نوشهروفيروز نيو پيو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو پورهيت جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام برپا ٿي ويو پورهيت جي پاءُ وحيد ڪيريو ٻڌايو ته پاءُ پاڻي جي واري تي هيو ته ڪيس اوچتو نانگ ڪکي ويو جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

# ٺٽي ۽ مڪلي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ تورڙي بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف شٽر بند هڙتال

**شٽر بند هڙتال جي سڏ جي مڪمل حمايت ڪندي واپارين پنهنجو ڪاروبار پاڻمرادو بند ڪري ڇڏيو**

**ٺٽو ۽ مڪلي تي سمورا ڪاروباري مرڪز، هٽ، هوٽلون، مانڊٽيون، دڪان، پيٽرول پمپ بند رهيا**

**بار جي سڏ تي سيشن ڪورٽ ٺٽو ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو**

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ۽ مڪلي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي سنگين ڪوٽ تورڙي بجلي ۽ گئس بحران خلاف شهرين پاران اعلانيل شٽر بند هڙتال جي سڏ جي مڪمل حمايت ڪندي پنهنجو ڪاروبار پاڻمرادو بند ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ٺٽو ۽ مڪلي تي سمورا ڪاروباري مرڪز، هٽ، هوٽلون، مانڊٽيون، دڪان، پيٽرول پمپ بند رهيا. ٻئي طرف شهرين جي هڙتال جي حمايت ۾ ٺٽو بار جي سڏ تي سيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽو: بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ پاڻي ڪوٽ خلاف ڪيل شٽربند هڙتال جو ڏيک

**ڪوٽڙي محمد ڪبير رهواسي ٻوهه جي واپاري پاران احتجاجي مظاهرو**

خانواهڻ (عاجز امتياز نوح پوٽو) ڪوٽڙي محمد ڪبير رهواسي ٻوهه جو واپاري شاهد حسين راڄپر پئسا نه ملڻ خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا وارن کي داتهيندي ٻڌايو ته عبدالحڪيم ٽيبو ڏي منهنجا ٻوهه جا اٽڪل هڪ ڪروڙ روپيه رهيل آهن، جيڪي علائقي جي معززين ۽ چڱن مڙسن جي سامهون فيصلو ٿيو . فيصلي ۾ عبدالحڪيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# ابراهيم حيدري ۾ هٿيارٻندن جي واپاري جي گهر تي ڪاهه، ڌاڙي جي ڪوشش، 2 زخمي

**ڌاڙي جي ڪوشش دوران مزاحمت تي واپاري ۽ پٽ کي گوليون هڻي مرٽينگ ڪيو ويو آهي**

**هٿيارٻند گوليون هڻي هندو واپاري پوهو مل ڪيسواڻي ۽ پٽ گوونڊا ڪيسواڻي کي زخمي ڪيو**

**پيپلز پارٽي مينارٽي ونگ سنڌ جي نائب صدر مکي اوڌا مل واقعي جي مذمت نوٽيس جي گهر ڪئي**

ڪراچي (باغي ساگر) ابراهيم حيدري ۾ هٿيارٻندن پاران هندو واپاري جي گهر ۾ گهڙي پاتين کي يرغمال بڻائي ڦر جي ڪوشش، گهر پاتين پاران مزاحمت تي واپاري پٽ سميت زخمي، هٿيار بند فرار، خبر موجب: ابراهيم حيدري جي علائقي ۾ هٿيارٻندن هندو واپاري پوهو مل جي گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي تشدد ڪري گهر مان ڦر جي ڪوشش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# "موتمار مهانگائي نامنظور، پگهارون 200 سيڪڙو وڌايو"، آپڪا مرڪز پاران شڪارپور ۾ احتجاج

**موتمار مهانگائي ۽ پگهارن ۾ 200 سيڪڙو اضافي لاءِ آپڪا ضلعي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو**

**لوڪل گورنمينٽ، ميونسپل، روڊس، پبلڪ، صحت، سوشل ويلفيئر، ڪاليجز، فوڊ، فاريسٽ جا ملازم شريڪ**

**ريلي ڪڍي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي جماڻي هال چوڪ پهتي جتي نتهڻ اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو**

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) "موتمار مهانگائي نامنظور، پگهارون 200 سيڪڙو وڌايو"، آپڪا مرڪز ۽ سنڌ جي سڏ تي شڪارپور جي 20 کان وڌيڪ ڊپارٽمينٽ جي ملازمن جي احتجاجي ريلي، نتهڻ اس ۾ ڌرڻا، سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور: آپڪا ملازم مهانگائي ۽ پگهارن ۾ واڌ نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

**ٽنڊو محمد خان ۾ پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو، بک هڙتال**

ٽنڊو محمد خان (مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪنن پاران مخصوص سيٽن ۾ ڪين نظر انداز ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو علامتي بک هڙتال ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ٻاهران پيپلز ليبر بيورو جي ڪارڪن ليبر بيورو جي ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي ، غلام رسول جلالاڻي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# پڊعيدن ۾ بااثر پير پاران پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان تي وحشياڻو تشدد، احتجاجي مظاهرو

**پڊعيدن جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسي راشد راجپوت کي بيٽري چوري الزام هيٺ سوگهو ڪيو ويو**

**بااثر پير شفيق شاهه پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان کي سندس اوطاق تي رسن سان ابتو ٽنگي تشدد ڪيو**

**اسان مسڪينن سان سراسر ظلم آهي پير بااثر آهي اسان جي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي: وارثن جون ڳالهيون**

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پڊعيدن ۾ بااثر پير پاران پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان تي تشدد ۽ تذليل نوجوان کي بجلي جا ڪرنٽ هڻڻ ۽ ويهڪ واري جاءِ تي ڏنڊا وجهڻ جو انڪشاف نوجوان مرٽيڪ پڊعيدن جي وارڊ نمبر 6 جي رهواسي نوجوان راشد راجپوت کي بيٽري چوري جي الزام ۾ بااثر پير شفيق شاهه پنهنجي عدالت لڳائي نوجوان کي سندس اوطاق تي رسن سان ابتو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

# غوثپور ڪچو بندي واري علائقي جي ڳوٺ موسو لولائي ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا قتل

**شريف لولائي ۽ موسو لولائي وارين ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو**

**فائرنگ جي نتيجي ۾ شريف لولائي ڌر جا ٻه نوجوان صاحب خان ۽ طالب لولائي ٿڏي تي مارجي ويا**

**اطلاع باوجود پوليس واقعي واري هنڌ ناهي پهتي جنهن سبب وڌيڪ رتوڇاڻ جو پڻ خدشو آهي: ذريعا**

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ڪچو بندي واري علائقي جي ڳوٺ موسو لولائي ۾ شريف لولائي ۽ موسو لولائي وارين ٻن ڌرين ۾ پراڻو خوني تڪرار هڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو آهي ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان پنهنجي جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ جي نتيجي ۾ شريف لولائي ڌر جا ٻه نوجوان صاحب خان ۽ طالب لولائي ٿڏي تي مارجي ويا اهڙي واقعي بعد ٻنهي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

غوثپور: ڳوٺ موسيٰ لولائي ۾ مارجي ويل ٻن نوجوانن جي حياتي جي تصوير

**ڏهرڪي لڳ جهنگل ملڪ ٽي موري تي چاچڙ برادري جي گهرن چڙهائي**

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي لڳ جهنگل ملڪ ٽي موري تي چاچڙ برادري جي گهرن مٿان ايس ايڇ او اوباوڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس اهلڪارن جي چڙهائي، گهرن کي باهه پيچ داهه عورتن ۽ ٻارڙن جون دانهون، انصاف جي اپيل. گهرن لي باهه اسان نه لڳائي آهي هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي قبضو خالي ڪرائڻ آيا آهيون اوباوڙو پوليس اوباوڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

# سلطانپور ۽ جوڻاس يوسين ۾ اڪرام الله جي پاءُ پاران اسڪيمن جو جائزو ورتو ويو

**مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتي پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ سندس ننڍي پاءُ جام قادرخان ڌاريجو جو دورو**

**قادرخان ڌاريجو ڳوٺ خيروانڊڙ ۾ مرحوم وڏيري عبدالواحد انڊڙ جي پونئيرن سان تعزيت ڪئي**

**ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو ۽ رهجي ويل ڳوٺن جي مسعلن بابت ڳوٺاڻن جون شڪايتون ٻڌيون**

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ۽ جوڻاس يوسين ۾ صوبائي وزير جام اڪرام الله خان ڌاريجو پاران تڪ ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو جائزو وٺڻ ۽ مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتي پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ سندس ننڍي پاءُ جام قادرخان ڌاريجو جو دورو ان موقعي تي جام قادرخان ڌاريجو ڳوٺ فتح علي انڊڙ پهچي سلطانپور پريس ڪلب جي صحافي خدابخش انڊڙ سان سندس پٽ جي وفات تي تعزيت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

***روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 03 جون 2023ع

## مادر علمين ۾ هراسمينٽ جا وڌندڙ واقعا

هونئن تہ سڄي ملڪ ۾ اعليٰ تعليمي ادارن، يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪندڙ نياڻيون، آفيسن ۽ ڪارگاهن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون محفوظ ناهن. اهي قدم قدم تي ڌڪاءُ، بليڪ ميلنگ ۽ هراسمينٽ جو شڪار ٿين ٿيون. پر ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ تہ اهڙا ڪيس گهڻائي ۾ رپورٽ ٿي رهيا آهن. حالت ان نهج تي پهچائي وئي آهي، جو نہ نياڻيون بنان ڪنهن خوف جي تعليم حاصل ڪري سگهن ٿيون ۽ نہ ئي ورڪنگ وومين آفيسن، فيڪٽرين ۽ ڪارگاهن ۾ ڪم ڪري سگهن ٿيون. هر هنڌ انهن کي هراسان ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي يونيورسٽين ۾ اهڙا ڪيس وڌيڪ ٿي رهيا آهن. جتي نياڻيون، هم ڪلاسي شاگردن توڙي استادن جي هراسمينٽ جو شڪار بڻجن ٿيون. هاڻي تہ يونيورسٽين ۾ تدريسي شعبي سان لاڳاپيل پروفيسر عورتون بہ پنهنجي شعبي جي سربراهن ۽ وائيس چانسلرن جي هراسمينٽ جو شڪار ٿيڻ لڳيون آهن. اهڙوئي هراسمينٽ جو هڪ اسڪينڊل سامهون آيو آهي. شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي سڪرنڊ جي خاتون اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ارم ٻگهيو يونيورسٽي جي وائيس چانسلر فاروق حسن تي هراسمينٽ جو الزام هڻندي وفاقي محتسب وٽ دانهيو آهي. اهڙي ئي درخواست ان گورنر سنڌ، سنڌ جي وڏي وزير ۽ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جي صوبائي وزير ڏانهن بہ اماڻي آهي.

ٻگهڙ تہ جهنگ ۾ آهن پر ٻگهڙ صفت ماڻهو سنڌ جي مادر علمين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ بہ موجود آهن. جيڪي قدم قدم تي نياڻين ۾ ڌڪاءُ پکيڙين ۽ کين بليڪ ميل ڪن ٿا. هونئن تہ اهڙا ڪيس تمام گهڻا ٿين ٿا. جن ۾ نياڻيون بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿي يا تہ هٿيار ڦٽا ڪن ٿيون يا وري پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏين ٿيون. انهن نياڻين جو تعداد بنهہ گهٽ آهي، جيڪي انڪار جي جرئت ڪندي اهڙن ٻگهڙن جي نشاندهي ڪن ٿيون. سماج کي انهن جو اصل چهرو ۽ اصل روپ ڏيکارين ٿيون ۽ معاملا ميڊيا تائين ۽ اعليٰ اختيارين تائين انصاف لاءِ کڻي وڃن ٿيون. يونيورسٽين ۾ استاد، شاگردياڻين کي مارڪن جي ڪري بہ بليڪ ميل ڪن ٿا. ڪا شاگردياڻي انڪار جي جرئت ڪري ٿي تہ اهي ٻگهڙ ان جو ڪيريئر تباهہ ڪري ٿا ڇڏين. جو مارڪون انهن استادن جي ئي هٿ ۾ هونديون آهن. چانڊڪا يونيورسٽيءَ ۾ شاگردياڻي نمرتا ميرچندائي جو لاش هاسٽل جي ڪمري مان مليو. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي هاسٽل مان سنڌي شعبي جي شاگردياڻي نائلا رند جو لاش مليو. بينظير يونيورسٽي نوابشاهہ جي شاگردياڻي فرزانہ جماليءَ کي بہ هراسان ڪيو ويو. لياقت يونيورسٽي ڄامشوري جي فارميسي ڊپارٽمينٽ جي شاگردياڻي سائره بہ خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ چانڊڪا يونيورسٽيءَ جي هاسٽل مان ڊاڪٽر نوشين جو لاش مليو. زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي هڪ عورت استاد کي پڻ هراسان ڪيو ويو، جنهن جون خبرون بہ ميڊيا جون شهہ سرخيون بڻيون ۽ هاڻي وري ان هراسمينٽ جو شڪار شهيد بينظير ڀٽو وٽرنري يونيورسٽي سڪرنڊ جي خاتون اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ارم ٻگهيو ٿي آهي. تمام گهٽ شاگردياڻيون/عورتون اهڙيون آهن، جيڪي ڊاڪٽر ارم ٻگهيو جهڙي جرئت ڪن ٿيون.

عورتن جي حقن، انهن تي جنسي ۽ جسماني تشدد توڙي هراسمينٽ جي حوالي سان اسان جا حڪمران دنيا ۾ پاڻ کي روشن خيال ۽ لبرل ڳڻائڻ لاءِ قانون سازي تہ ڪرائين ٿا پر انهن قانونن تي عمل ڪو نہ ٿو ٿئي. جڏهن بہ اهڙو ڪو معاملو ٿئي ٿو تہ ان کي دٻايو وڃي ٿو. دٻاءُ وجهي، سماجي لاڳاپا استعمال ڪري معاملا ختم ڪيا وڃن ٿا. انڪوائري ڪميٽيون جڙن ٿيون تہ اهي بہ ملوث استادن/فردن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ جواز اهو ڏنو وڃي ٿو تہ ان سان مادر علمي بدنام ٿيندي ۽ مائٽ نياڻين کي پڙهڻ لاءِ نہ ڇڏيندا. اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي تہ اهڙن معاملن جي جاچ مردن تي مشتمل ڪميٽي ڪندي آهي، جنهن ڪري نياڻيون معاملا ان ڪميٽيءَ جي اڳيان رکي ناهن سگهنديون يا وري اهڙي نموني انڪوائري ٿيندي آهي، جو اهي متاثر نياڻيون/عورتون بيزار ٿي لاتعلق ٿي ويهي رهنديون آهن. اسان اها گهر ڪرڻ ۾ حق واجبي آهيون تہ ڊاڪٽر ارم ٻگهيو هراسمينٽ معاملي جي عدالتي جاچ ڪنهن خاتون جج کان ڪرائي وڃي تہ جيئن متاثر عورت بنا ڪنهن دٻاءُ جي پنهنجو ڪيس سامهون آڻي سگهي.

# اردوان جي واپسي ۽ پاڪ_ترڪيہ لاڳاپا

ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو

ستر واري ڏهاڪي جا اهي شروعاتي سال هئا. ڀٽي جو دور هو. اسلامي ملڪ سڏائيندي بہ پاڪستان اڃان ماڊرنائيزيشن جي راهہ تي گامزن هو. ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي وزيرن تي الله جو فضل ضرور هو پر سندن گهر "هٰذا من فضل ربي" جي اکرن سان زيب تن ڪونہ ٿيا هئا. ڪڙو ۽ ڪيف موالين کي مباح هوندو هو. جو مان بہ مئٽرڪ پاس ڪري اچي حيدرآباد وسايو هو. پهرئين ڏينهن ئي بابا سائين اورينٽ هوٽل سان متعارف ڪرايو هو. جنهن جي چانہ جو چسڪو مونکي وٺي ويو هو. جنهن مونکي تيز ۽ اسپيشل سيپريٽ چانہ پيئڻ جو مڪمل عادي بڻائي ڇڏيو. حيدرآباد مون لاءِ نئون شهر هو. جتي اڪيلو گهمڻ شروع ڪيم. مخدوم اشفاق ۽ زوار نقوي سان اڃا ملاقاتون ڪونہ ٿيون هيون. جيڪي 'جبيس' جو ڏس ڏين ها. تنهنڪري مان شوقيہ چانہ پيئڻ لاءِ اورينٽ ڏي رخ ڪندو هوس. هڪ ڏينهن اتي چانہ پيئندي خبر پئي تہ ڪالهہ کان وني ترڪي (هاڻوڪي ترڪيہ) مان آيل هڪ ثقافتي گروپ هوٽل جي اسٽوڊيو ۾ پنهنجي فن جي مظاهرو ڪري رهيو آهي. ان ثقافتي طائفي جون تصويرون ڏسي مون بہ ڏهن روپين ۾ هڪ ٽڪيٽ خريد ڪري اهو ڪلچرل شو ڏٺو هو، جنهن مون ٻار تي ڪمالي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي. خدا جي مهرباني هئي، جو ان عمر ۾ مون اهڙو شو ڏٺو. جنهن ترڪيءَ جي جديديت جو تہ مون تي ڌاڪو ڄمايو پر ڀهراڙيءَ جي هڪ ٻار کي جديديت سان روشناس بہ ڪرايو اها جديديت، جتي مذهب ۽ آرٽ هڪ ٻئي جا دشمڻ ناهن. جتي سياست ۽ مذهب ريل جي پٽڙيءَ وانگر پور وڇوٽي تي رهن ٿا.

تازو ان جديد ترڪيہ جي صدارتي چونڊن جو ملڪ جي اندر توڙي دنيا ۾ ٻاهر وڏو چوٻول هو. مغربي ميڊيا جي "آزاد ۽ منصفانہ" چونڊن واري پرڪشش راڳڻيءَ، ترڪيہ جي گڏيل اپوزيشن جي صدارتي اميدوار ڪمال اوغلوجي کٽڻ جا امڪان پئي ظاهر ڪيا، چو تہ اردوان جي حڪومتي ڪارگذاري Cold War دور جي مشهور آمريڪي صدر هيري ٽرومن جهڙي هئي. ريٽنگ جي لحاظ کان آمريڪي صدور ۾ ٽرومن هيٺين سطح جو ليڊر شمار ڪيو وڃي ٿو پر جنگ ستيل يورپ جي تعمير لاءِ متعارف ڪرايل مارشل پلان ۽ ڪميونزم خلاف ترڪي ۽ يونان کي ڀرپور مدد ڏيڻ تي سندس نالو دنيا جي وڏن ليڊرن ۾ شامل آهي. اردوان ۽ سندس پارٽي AKP پنهنجي ويهن سالن جي دور جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ مغرب جي همنوا ٿيڻ بدران غيرجانبدار رويو اختيار ڪيو ۽ ملڪ جي اندر مذهبي قدامت پسندي، جديد قوم پرستي ۽ ڪمالسٽ ماڊرنزم وچ ۾ بهترين توازن رکڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، جيڪا يورپي يونين ۽ آمريڪا کي قابل قبول ڪانہ هئي. اهو سڀ ڪرڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي سگهہ بخشڻ لاءِ هن ميڊيا سان گڏ طاقت جي ٻن اهم تاريخي مرڪزن، فوج ۽ عدليہ کي ڪمزور ڪيو ۽ آئيني ترميم ذريعي صدارتي نظام نافذ ڪيو. عدالتون، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن آئين جي سيڪيولر اصولن جي خلاف مذهبي پارٽين تي پابندي لڳائينديون هيون ۽ فوج جو اقتداري ڪاريڊور ۾ مضبوط قوت وارو ڪردار هو ٻاهرين دنيا کي تمام گهڻي اميد هئي تہ گڏيل اپوزيشن اميدوار ڪمال اوغلو ڪامياب ٿيندو. پارليامينٽ ۾ جيتوڻيڪ AKP ۽ ان جا اتحادي اڪثريت ۾ آهن پر مخالف ڌر جي پارٽين جي اتحاد جي پوزيشن اتي وڌيڪ مستحڪم ٿي آهي ۽ اردوان کي اڳ کان گهٽ سيٽون مليون آهن. صدارتي چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ اردوان کي 50 سيڪڙي کان بہ گهٽ ووٽ پيا. ٻيو مرحلو اوغلو ۽ سندس وچ ۾ تازو ڪجهہ ڏينهن اڳ ٿيو ۽ قومپرستن جي حمايت سان هو وري اقتدار نشين ٿي چڪو آهي.

پاڪستان ۽ ترڪيہ جي روايتي ويجهن لاڳاپن جي شروعات 1948ع ۾ ٿي هئي. اردوان پنهنجي دور ۾ انهن کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو. هو پهريون غير عرب ليڊر آهي، جيڪو هڪ طرف پاڪستاني عوام وٽ عرب سياستدانن کان بہ وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ پاڪستاني سياستدانن ۾ هو ميان صاحب ۽ خانصاحب لاءِ رول ماڊل هيرو جي حيثيت رکي ٿو. ترڪ ميڊيا ۾ هن پاڪستاني narrative کي ڪافي جاءِ ڏياري ۽ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ڪشمير مسئلي تي NSG، FATF ۽ انساني حقن واري ڪائونسل سميت ٻين ڪيترن ئي عالمي فورمن تي مدد ڏيندو رهيو آهي. 2005ع جي زلزلي ۽ گذريل سال جي ٻوڏ ۾ ترڪيہ پاڪستان جي دل کولي مدد ڪرڻ وارن دوست ملڪن ۾ سڀ کان اڳڀرو بيٺل نظر آيو.

اردوان جي دور 2009ع ۾ هڪ اعليٰ سطحي اسٽريٽجڪ ڪوآپريشن ڪائونسل HLSCC، جو بنياد وڌو ويو، جنهن هيٺ ٻئي ملڪ دفاع، اقتصاديات، واپار، سيڙپڪاري، مواصلات، توانائي، ثقافت ۽ سياحت جي اسمن تي هڪٻئي سان تعاون ڪري رهيا آهن. دنيا اندر پاڪستان ترڪيہ جو سڀ کان وڏو دفاعي سامان خريد ڪندڙ ملڪ بہ شمار ٿئي ٿو. هڪ ارب ڊالر جي ماليت جا چار بحري ڪوريٽس، جيڪي پاڪستان نيوي جو حصو آهن، ترڪيہ کان خريد ڪيا ويا آهن. هن دفاعي خريداريءَ ۾ ترڪيہ طرفان پاڪستان کي ٽيڪنالاجي بہ فراهم ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ چين جهڙي دوست ملڪ کان، هٿيارن جي خريداري ۽ پوءِ ان جي ٽيڪنالاجي تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان کي ڪڏهن ڪڏهن ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيندو اچي ٿو. ڊپلوميسي جي ميدان ۾ پاڪستان ۽ ترڪيہ، ڪشمير کان فلسطين، قبرص ۽ نگورنو ڪاراباخ جي مسئلن تائين هڪٻئي جا ساٿاري ۽ واهروهڄڻ جي تاريخ رکن ٿا.

پاڪستان ۾ اردوان جي صدر چونڊجڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي پر چونڊن کان اڳ ۾ غالب امڪان هو تہ PDM حڪومت متان ڪلم ڪلاسٽس يڪجهتي جو اظهار نہ ڪري وڃي. چو تہ اقتدار ۾ اچي بدلجڻ پاڪستاني سياستدانن جي خمير ۾ شامل آهي. جيئن ماضي قريب ۾ اسان جو اڳوڻو وزير اعظم عمران خان آمريڪا ۽ ڀارت جي اليڪشن ۾ ترتيبوار ٽرمپ ۽ مودي جي کليل حمايت ڪري ويٺو هو. تيئن پي ڊي ايم حڪومت نہ ڪيو ۽ سٺو ڪيو. هونئن بہ عالمي سياست ۽ ڊپلوميسي جي ميدان تي دوستيون رياستي سطح تي ڳنڍڻ ۾ اينديون آهن.
صدارتي اليڪشن ۾ اوغلوجي قيادت ۾ اتان جي اپوزيشن جو جهڪاءُ ڀارت طرف هو. جيڪو اشارن ڪناين ۽ ڊپلوميٽڪ لهجي ۾ ڳالهايو پئي ويو. جنهن مان ظاهر پئي ٿيو تہ ترڪ اپوزيشن پارٽيون پاڪستان کان ناخوش آهن. جنهن جو هڪڙو سبب ترڪيہ ۾ غير قانوني طور رهندڙ پاڪستاني ٿي سگهن ٿا. شام ۽ افغانستان مان آيل غير قانوني مهاجر اڳ ۾ ئي اتي هڪ وڏو مسئلو پيدا ڪريو ويٺا آهن، جن کي ترڪيہ ۾ سيڪيورٽي رسڪ پڻ سمجهيو وڃي ٿو. استنبول ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن جي لوڪل گورنمينٽ جي قيادت اتان جي نوجوانن وٽ آهي، جيڪي مستقبل جا اتا ترڪ ۽ اردوان ٿي سگهن ٿا. پاڪستان کي پنهنجن سفارتڪارن ذريعي ان نوجوان قيادت سان بہ رابطن وڌائڻ ۽ تارڪين وطن کي روڪڻ جا اپاءُ وٺڻ گهرجن.

❋❋❋❋

صوفِي سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ؛
بـازِي بـازِنـدنِ ڪـي، آهـي آويسـارَ؛
پِريا سين پـهـڪـارَ، رِندِيءَ رَساڻي ڪيا.

## سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاٿو!

سارنگ امر

سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاٿو آهي. 9 مئي تي فوجي علامتن تي حملن جا ڪيس فوجي ڪورٽن جي حوالي آهن. عمران خان هڪ طرح انهن حملن جي حمايت ڪندي چيو آهي تہ کيس فوج گرفتار ڪرايو هو تہ ردعمل بہ فوج خلاف ايندو. ٻين لفظن ۾ هن اهو چيو آهي تہ اهي حملا منطقي هئا. پر منطق هر ڀيري درست نہ هوندو آهي، چو تہ دليل باطل بہ هوندو آهي. سڀ کان زهريلا دليل، سرمائيداريءَ جي حمايت ڪرڻ وارا ڏين ٿا. مثال طور انساني سماج جي شروعات ۾ ڀاءُ ڀاءُ کي قتل ڪيو يعني تشدد تاريخ جي سڀني دورن ۾ نظر اچي ٿو سو انهن جي چوڻ موجب تشدد انسان جي فطرت آهي. سرمائيدارن جي وٽ وراڻ ڪرڻ وارا ان واقعي جي بيان کي استعمال ڪرڻ جي بخار ۾ اهو وساري ويهن ٿا تہ قاتل کي سخت پڇتاءُ ٿيو هو ۽ کيس محسوس ٿيو تہ هن تعصب جي باهہ ۾ قتل ڪيو جڏهن سندس اها باهہ وسامي وئي تہ مٿس حقيقت کلي. سو منطق هن جو پنهنجو آهي. فوجي آفيسرن ۽ سندن حامين جو پنهنجو. فوجي آفيسر عمران خان جي ڳالهہ کي دهشتگرد حملن جي سڌي حمايت سمجهن ٿا.

پي ٽي آءِ مان سياستدانن جو قطارون ڪري نڪري وڃڻ ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ حيران ڪندڙ نہ هو انهيءَ سڄي مرحلي ۾ هڪ پهلو اڻ وڻندڙ بہ آهي تہ ڪي ماڻهو عمران خان جي پارٽي نہ پيا ڇڏڻ چاهين پر هنن تي سخت دٻاءُ پيو پر اها سياست جي خاصيت آهي تہ گرفتاري، جيل، سختي يا قرباني ڪنهن نہ ڪنهن موقعي تي منطقي طور ٿيندي آهي. عمران خان جا ڪارڪن ۽ ووٽر اڪثر سول ۽ فوجي آفيسرن جا پٽ، ڀائر، عورتون آهن ۽ اهي بہ گهڻا تڻا پنجاب ۽ ڪي پي مان. انهن ماڻهن سوين اسڪينڊلن ۾ ڦاٿل پنهنجي ليڊر جي پيروي ڪندي احتياط کان ڪم نہ ورتو فوجي علامتن تي حملا ڪيا. گهڻن ئي ماڻهن کي ياد هوندو تہ هنن لاهور ۽ اسلام آباد وچ ۾ هڪ احتجاج دوران وڏي تعداد ۾ وڻ ساڙيا. ماحول دشمني ڪئي، نہ سوچيو تہ وڻن جو واسطو رياست سان گهٽ، عوام ۽ ماحول سان گهڻو هو جڏهن هنن اهو ڪيو هو تہ ڪين جن چيڳرا چيو هو چا اهي غلط هئا؟ ۽ چا هاڻي اهڙي راءِ رکڻ وارا غلط آهن؟

عمران خان سميت اهي سڀ ماڻهو پيٽ ڀرين ٽولن مان آهن. اهي عوام جي سورن کي نہ سمجهي سگهندا. ماضي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي سرمائيدارن جي خلاف ڳالهايو هو پر پوءِ هن سرمائيدار ۽ پورهيت طبقي ۾ سرچاءُ ڪرڻ جو پنهنجو پاڻ ذمو کنيو پر سندس اهو خواب پورو نہ ٿي سگهيو هو سياست طبقاتي ٿئي ٿي. هن وقت ملڪي اسٽيج تي نشانبر هر سياستدان سرمائيدارن لاءِ سياست ڪري رهيو آهي. ملڪ جي سياسي جسم ۾ موروثي سياست جو مرض پنهنجي جڳهہ تي، جنهن جي ڪري ڪو ورڪر پنهنجي جدوجهد جي بنياد تي مٿين عهدي تي نہ ٿو پهچي سگهي. ان عهدي جو اهل سمجهيو وڃي ٿو يا تہ پارٽي سربراهہ جو پٽ يا ڌيءُ. بس. اصل ڳالهہ تہ اها آهي جو ڪڏهن عوامي حمايت جي دعوا ڪندڙ عمران خان تہ اهو بہ ذمو نہ کنيو. رڳو سرمائيدارن جي خدمت ڪيائين. هن کي جيستائين وزير اعظم وارو بيج لڳل رهيو. اهو ساڍن ٽن سالن جو عرصو هن عوام دشمنيءَ وارا واعدا پورا ڪيا. مثال طور. هن ۽ سندس ڪابينہ ساٿي رهندڙن واعدو ڪيو هو تہ سندن دور ۾ عوام کان رڙيون نڪرنديون. اهوئي ٿيو جڏهن شهباز شريف جو وارو آيو تہ هن سڀ لاڳاپا لاهي مهانگائي ڪرڻ شروع ڪئي. جڏهن تہ عمران خلاف هنن مهانگائيءَ جي معاملي تي احتجاجي مظاهرا ڪيا هئا. هاڻي ان جي ابتڙ عوام دشمن طبقي جي منشا پوري پيو ڪري. ڪري بہ چو نہ، جو هو پاڻ سرمائيدار آهي. هي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جنهن تي حڪمرانيءَ جو حق رڳو سرمائيدارن کي ڏنو ٿو وڃي. يا تہ آمر آيا يا سرمائيدار. معراج خالد کي ڇڏي ڪري ڪو وزير اعظم تہ آيو جيڪو "غريبڙو" هجي. پاڻ معراج خالد بہ ان لاءِ آيو جيئن 3 مهينا مالدارن جي خدمت ڪري. گهڻائي غريب، سرمائيدارن جي خدمت وڏي شوق سان ڪندا آهن. پوءِ بہ انهن کي ڀڳهار بہ نہ ملي. عمران خان بہ ملڪيتدارن مان هو.

شهباز شريف جي اها رٽ اڃا جاري آهي تہ هيءَ جيڪا بہ خرابي ٿي آهي، عمران خان جي ڪري آهي. هن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهہ ناهي. عوام کي ڪو رليف نہ ٿو ڏئي سگهي، سو اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو جنهن جي ڪا تڪ ئي نہ ٿي ٿئي. روز سياسي دوکي وارا اعلان آهن تہ عوام کي رليف ملڻ گهرجي. اهو شخص جيڪڏهن وزيراعظم آهي تہ ڪنهن کي ٿو مخاطب ٿئي تہ عوام کي رليف ڏيو. تيل مهانگو تہ سؤن ۾ ڪيو ويو پر هاڻي ان جي قيمت چند رپيا ليٽر گهٽ ڪري دعوا ڪئي ويندي تہ هنن وڏو ڪمال ڪيو آهي. عوام جو ڏيوالو تہ ڪڏهوڪو نڪتو پيو آهي ۽ ٻوڏ ستيل ماڻهن جي لاءِ آيل امداد تہ ڏينهن ڏٺي هي حڪمران ديده دانستہ کائي ويا. ۽ عوام خاموشيءَ سان ڏسي رهيو آهي.

عوام پنهنجي اڳواڻن جي اشارن جو محتاج هوندو آهي پر اڳواڻ ئي اونده ۾ هٿوراڙيون ڏئي رهيا آهن. اهي عوام جي ڪهڙي رهنمائي ڪندا؟ سو مزدور کي ئي مزدور جو ساٿ ڏيڻ جڳائي ٿو پورهيت طبقو ٻئي ڪنهن کان ڪيئن اميد رکي. اڄ جو زمانو مختلف ان ۾ بہ آهي تہ سياست ۾ تشدد جي ڪا بہ گنجائش نہ رهي آهي.

**بقايا ❋❋❋ 01**

چيو تہ جسٽس اقبال حميد الرحمان ڪالهہ شريعت ڪورٽ جي چيف جسٽس طور پنهنجي عهدي جو حلف کنيو، پروگرام جي پڄاڻي تي مان سيني کان اڳ ان جي گهرواري وٽ سلام ڪرڻ ۽ کيس مبارڪباد ڏيڻ ويس. سندس موجب ان ڪانپوءِ مان شريعت ڪورٽ جي اڳوڻي عالم جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس، جتي جسٽس عمر عطا بنديال بہ ان سان ملڻ لاءِ پهتو. ڪنهن اهو لمحو رڪارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طور ان ڳالهہ جي واڌ ڪري ڇڏي تہ مان جسٽس بنديال کي سلام نہ ڪيس جڏهن تہ مان ان کان ڪجهہ منٽ اڳ اهو ڪري چڪو هيس. منهنجي رُخ متاثر ڪرڻ جو سبب اهو هو تہ جسٽس رحمان جي گهرواري پنهنجي مٽن مائٽن سان منهنجو تعارف ڪرائي رهي هئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ ميڊيا ۾ غلط تعبيرون سامهون آيون آهن، منهنجي درخواست آهي تہ حقيقت جي ابتڙ خبرون نہ هلايو چو تہ اهي غير ضروري غلط فهمين ۽ نقصان جو سبب بڻجن ٿيون. ڳٽ جوڙ ذريعي ڪوڙين ڪهاڻين جو نشانو بڻجڻ سبب مون کي ۽ منهنجي خاندان کي ان تڪليف جو چڱي ريت اندازو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن قرآن پاڪ جو حوالو بہ ڏنو جنهن جو ترجمو آهي تہ "خبر پکيڙڻ کان اڳ ان جي صداقت جي تحقيق ڪندا ڪيو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ توهان ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجي لاعلمي سبب نقصان پهچائي ويهو". سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج چيو تہ ان سلسلي ۾ اها ڳالهہ بہ حقيقت جي ابتڙ آهي تہ مان سپريم ڪورٽ ۾ هڪ الڳ گروپ ناهيو آهي. اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. مان آئين جي تحفظ ۽ دفاع لاءِ پنهنجي عهدي جي حلف جو پابند آهيان ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن ڳالهہ جو تاڪيد نٿو ڪري سگهان. حقيقتون چٽي هڪ تڪراري بيانيو ناهڻ اداري لاءِ نقصانڪار آهي. اسان کي غيرضروري معاملن ۾ پوڻ بدران گڏجي اهڙو مضبوط عدالتي نظام تعمير ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ سڄو ڌيان تڪڙي انصاف جي فراهمي تي هجي.

**بقايا ❋❋❋ 02**

ڪيو وڃي. شاگردن کي آئي ٽي سان آراستہ ڪرڻ لاءِ مفت ليپ ٽاپ پروگرام شامل ڪيو وڃي، انڊومينٽ فنڊ مان اعليٰ ۽ پروفيشنل تعليم ۽ آئي ٽي ۾ مهارت جي تربيت ڏني وڃي. هن چيو تہ اسڪالرشپس ۽ تعليم لاءِ شفافيت ۽ ميرٽ جي عنصر کي بنيادي اهميت ڏني وڃي. آءِ ٽي جي بهتري لاءِ منصوبا بجيٽ ۾ شامل ڪيا وڃن وزيراعظم هدايت ڪئي تہ ڪسان پيڪيج تحت شروع ڪيل منصوبن کي جاري رکيو وڃي ۽ قابل تجديد توانائي جي منصوبن کي بجيٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. وزيراعظم چيو تہ توانائي جي شعبي ۾ جدت لاءِ بجيٽ ۾ خاص رقم مختص ڪئي وڃي. جن منصوبن جي اهميت ختم ٿي وئي آهي انهن کي پي ايس ڊي پي جي دائري مان ڪڍيو وڃي، هن چيو تہ بجيٽ ۾ صوبن، اسٽيڪ هولڊرز ۽ اتحادي پارٽين جون تجويزون شامل ڪيون وڃن. اجلاس ۾ وفاقي وزير اسحاق ڊار، خواجا آصف، احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله ۽ راڻا تنوير حسين، وزيراعظم جو صلاحڪار احد چيما، خاص مددگار ملڪ احمد خان، عطاءُ الله تارڙ ۽ جهانزيب خان شرڪت ڪئي.

**بقايا ❋❋❋ 03**

کي پيغام ڏنو تہ اهي هوشيار رهن. گهبرائڻو ناهي، ان سڄي ڏڪيڙ پويان محسن نقوي آهي.

مان ڪنهن خلاف ڪو سياسي ڪيس نہ ناهيو هو. مون تي هي ظلم محسن نقوي ڪرائي رهيو آهي، هو ٻُرو ڪري رهيو آهي ۽ سائس ٻُرو ٿي ٿيندو.

**بقايا ❋❋❋ 04**

موقف اختيار ڪيو تہ پرويز الاهي کان پڇا ڳاڇا ڪرڻي آهي. هن اختيارن جو ناجائز استعمال ڪندي خزاني کي نقصان پهچايو. جڊيشل مئجسٽريٽ غلام مرتضيٰ پرويز الاهي جي جسماني ريمانڊ جي درخواست رد ڪندي اڻ پورين شاهدين جي بنياد تي کيس ڪرپشن جي ڪيس مان آجو قرار ڏئي ڇڏيو. عدالت هدايت ڪئي تہ جيڪڏهن پرويز الاهي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ گهربل ناهي تہ کيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي. اينٽي ڪرپشن پرويز الاهي جو راهداري ريمانڊ وٺي ٻئي ڪيس ۾ کيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو. هاڻ کيس اينٽي ڪرپشن گوجرانوالا حوالي ڪيو ويندو ۽ اتي ئي منتقل ڪيو ويندو. هوڏانهن غالب مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس بہ پرويز الاهي جي گرفتاري لاءِ تيار ٿي وئي آهي، پرويز الاهي خلاف غالب مارڪيٽ ٿاڻي ۾ دهشتگردي جي قلمن تحت ڪيس داخل آهي. دهشتگردي جي انٽ واري خاص عدالت پرويز الاهي جي عبوري ضمانت خارج ڪئي هئي.

**بقايا ❋❋❋ 05**

ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال دايو ايڊيشنل سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ڪرن شيخ، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ، ڊي آءِ جي هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جاويد علي مهر، ڊي آءِ جي ٽريفڪ احمد نواز، اين آر ٽي سي جي نمائندي شعيب احمد، عبدالشڪور آرائين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ عوام جي سفري مشڪلاتن کي گهٽائڻ لاءِ لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس شروع ڪئي وڃي. اجلاس ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ميمبر منير ميمڻ 7 ڊي آءِ جي هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جاويد علي مهر لياري ايڪسپريس وي تي ٽريفڪ جي حوالي سان اجلاس کي آگاهي ڏني. اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾، لياري ايڪسپريس وي تي ابتدائي طور تي ٽيسٽ بس هلائڻ ۽ لياري ايڪسپريس وي ۽ لياري ايڪسپريس وي تي بس سروس شروع ڪرڻ جي حوالي سان سروي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس ۾ ڳالهائيندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو تہ لياري ايڪسپريس وي تي پيپلز بس سروس جي سروس شروع ٿيڻ سان باقي روڊن تي ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽ ٿيندو. سنڌ سرڪار عوام کي بهترين سفري سهولتن جي فراهمي لاءِ سرگرم آهي. شرجيل انعام ميمڻ هدايتون ڏنيون تہ 11 جون تائين ٽيسٽ بس سروس ۽ سروي وارو ڪم مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي

**بقايا ❋❋❋ 06**

ڪيو ويو عدالت ڊي جي رينجرز ۽ آءِ جي اسلام آباد کي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي. شهزاد اڪبر جي ڀاءُ جي بازيابي بابت درخواست تي جسٽس محسن اختر ڪياني جي سربراهي ۾ ٻڌڻي هلائيندڙ بينچ چيو تہ ڊي جي رينجرز ۽ آءِ جي اسلام آباد پنهنجيون ايف آءِ آرز کنيو اچن. توهان کي پنهنجي پنهنجي اداري جي وردي بچائڻي آهي. جسٽس محسن اختر ڪياني رمارڪس ۾ چيو تہ مان هتي کان وري پڇندس تہ توهان اسلام آباد ۾ پنهنجي وردي چو نہ ٿا سنڀالي سگهو. آرڊر جو مقصد اصلي وردي وارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي عدالت چيو تہ جيڪڏهن توهان ائين ڪم نہ ٿا ڪري سگهو تہ پوءِ گهر هليا وڃو. همراهہ بازياب نہ ٿيو تہ دفاع واري وزير ۽ پوءِ وزيراعظم کي بہ گهرائينداسين

**بقايا ❋❋❋ 07**

جو چوڻ آهي تہ ٻنهي ڄڻن اسان جي ڪمپني کي لکين روپين جو مالي نقصان پهچايو. تنهن ڪري انهن خلاف سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

**بقايا ❋❋❋ 08**

رهيو آهيان. 9 مئي جي واقعن جي اڳ ئي مذمت ڪري چڪو آهيان. هن پي ٽي آءِ خيبر پختونخواهہ جي صدارت ڇڏڻ جو اعلان ڪندي چيو تہ ملڪ جو سياسي ماحول گهڻو خراب آهي. ان ماحول ۾ هلڻ ڏکيو آهي. سندس چوڻ هو تہ اڳتي جي حڪمت عملي دوستن ۽ پارٽي ورڪرن سان صلاح ڪانپوءِ طئي ڪندس. جيڪا پروپيگنڊا ٿي رهي آهي اها درست ناهي. سوچي سمجهي فيصلو ڪيو آهي.

**بقايا ❋❋❋ 09**

هڪ ٽوئيٽ ۾ پرڏيهي وزير چيو تہ هن کان اڳ 198 ڀارتي ماهيگيرن کي هن سال 12 مئي تي وطن واپس اماڻيو ويو هو هن چيو تہ هي قدم پاڪستان جي انساني همدردي جي معاملن تي سياست نہ ڪرڻ جي پاليسي مطابق آهي بلاول ڀٽو چيو تہ اسان کي همدردي کي سياست تي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

**بقايا ❋❋❋ 10**

ڪئي، ملاقات ۾ پير سيد سعيد الحسن جهانگير ترين گروپ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو سيد سعيد الحسن جو واسطو ناروول سان آهي ۽ هو پنجاب اسيمبلي جي تڪ پي پي 46 ناروول مان پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي اسيمبلي ميمبر چونڊيو هو پنجاب ۾ اوقاف ۽ مذهبي معاملن بابت وزير بہ رهي چڪو آهي. واضح رهي تہ جهانگير ترين گذريل ڪجهہ ڏينهن دوران 100 کان وڌيڪ سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي. جن ۾ پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ اڳواڻ بہ شامل آهن.

**بقايا ❋❋❋ 11**

وئي آهي. دستاويز موجب وفاقي وزارتن جي ترقياتي بجيٽ 359 ارب رپيا، ڪارپوريشنز لاءِ 141 ارب، جڏهن تہ خاص ايرياز آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان لاءِ 55 ارب جي ترقياتي بجيٽ جي تجويز ڏني وئي آهي. دستاويز موجب ڪي پي ۾ ضم علائقن لاءِ 55 ارب، ايس ڊي جيز جي ترقياتي بجيٽ 90 ارب. پاڪستان ڊولپمينٽ فنڊ لاءِ 100 ارب ۽ پبلڪ پرائيويٽ ڀائيواري ذريعي 100 ارب رپيا خرچ ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ان ڪانسواءِ پنجاب جي ترقياتي بجيٽ 426 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي، جيڪا جولاءِ کان آڪٽوبر رڳو 4 مهينن لاءِ آهي. سنڌ جي ترقياتي بجيٽ 617، ڪي پي جي ترقياتي بجيٽ 268 ارب ۽ بلوچستان جي ترقياتي بجيٽ 248 ارب رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

**بقايا ❋❋❋ 12**

ڪندي عثمان بوزدار 9 مئي جي واقعن جي مذمت ڪئي ۽ چيو تہ مان فوج سان گڏ بيٺو آهيان ۽ اڳتي بہ فوج سان گڏ ٿي رهندس. هن چيو تہ 14 مهينن کان مختلف عدالتن ۽ ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهيان. واضح رهي تہ عثمان بوزدار پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ ٽن سال کان وڌيڪ عرصي تائين پنجاب جو وڏو وزير رهيو ۽ پي ٽي آءِ اڪثر ان جي ڪارڪردگي تي سوال اٿندا هئا پر عمران خان کيس مڪمل وسيم اڪرم پلس قرار ڏنو هو جڏهن تہ پنهنجي حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ عمران خان عثمان بوزدار کان وڏي وزارت تان هٽائي پرويز الاهي کي وڏو وزير مقرر ڪيو هو.

**بقايا ❋❋❋ 13**

جي صدر جو عهدو خالي هو. علي زيدي 24 مئي تي تحريڪ انصاف ۽ سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪيو هو 9 مئي کان روپوش حليم عادل شيخ هن وقت سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر پڻ آهي.

**بقايا ❋❋❋ 14**

ڪري ڇڏي، پنهنجي وضاحتي بيان ۾ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ جسٽس اقبال حميد الرحمان ڪالهہ شريعت ڪورٽ جي چيف جسٽس طور پنهنجي عهدي جو حلف کنيو، پروگرام جي پڄاڻي تي مان سيني کان اڳ ان جي گهرواري وٽ سلام ڪرڻ ۽ کيس مبارڪباد ڏيڻ ويس، سندس موجب ان ڪانپوءِ مان شريعت ڪورٽ جي اڳوڻي عالم جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انوار سان گفتگو لاءِ ويس، جتي جسٽس عمر عطا بنديال بہ ان سان ملڻ لاءِ پهتو. ڪنهن اهو لمحو رڪارڊ ڪيو ۽ ان سان غلط طور ان ڳالهہ جي واڌ ڪري ڇڏي تہ مان جسٽس بنديال کي سلام نہ ڪيو. جڏهن تہ مان ان کان ڪجهہ منٽ اڳ اهو ڪري چڪو هيس. منهنجي رُخ متاثر ڪرڻ جو سبب اهو هو تہ جسٽس رحمان جي گهرواري پنهنجي مٽن مائٽن سان منهنجو تعارف ڪرائي رهي هئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو تہ ميڊيا ۾ غلط تعبيرون سامهون آيون آهن، منهنجي درخواست آهي تہ حقيقت جي ابتڙ خبرون نہ هلايو چو تہ اهي غير ضروري غلط فهمين ۽ نقصان جو سبب بڻجن ٿيون. ڳٽ جوڙ ذريعي ڪوڙين ڪهاڻين جو نشانو بڻجڻ سبب مون کي ۽ منهنجي خاندان کي ان تڪليف جو چڱي ريت اندازو آهي. پنهنجي بيان ۾ هن قرآن پاڪ جو حوالو بہ ڏنو جنهن جو ترجمو آهي تہ "خبر پکيڙڻ کان اڳ ان جي صداقت جي تحقيق ڪندا ڪيو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ توهان ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجي لاعلمي سبب نقصان پهچائي ويهو". سپريم ڪورٽ جي سينيئر جج چيو تہ ان سلسلي ۾ اها ڳالهہ بہ حقيقت جي ابتڙ آهي تہ مان سپريم ڪورٽ ۾ هڪ الڳ گروپ ناهيو آهي. اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. مان آئين جي تحفظ ۽ دفاع لاءِ پنهنجي عهدي جي حلف جو پابند آهيان ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن ڳالهہ جو تاڪيد نٿو ڪري سگهان. حقيقتون چٽي هڪ تڪراري بيانيو ناهڻ اداري لاءِ نقصانڪار آهي. اسان کي غير ضروري معاملن ۾ پوڻ بدران گڏجي اهڙو مضبوط عدالتي نظام تعمير ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ سڄو ڌيان تڪڙي انصاف جي فراهمي تي هجي.

**بقايا ❋❋❋ 15**

ٿيو آهي. جنهن ڪانپوءِ اهو 300 رپين جي سطح تي اچي ويو آهي. انٽر بئنڪ ۾ اڄ ڊالر 30 پئسا مهانگو ٿيو ۽ ڪاروبار جي پڄاڻي تي هڪ ڊالر 285 رپين 68 پئسن جو رهيو.

**بقايا ❋❋❋ 16**

ڪيس جي درخواست ڪلفٽن ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي هئي منشا پاشا درخواست ۾ چيو تہ ڊفينس فيز 5 پرسان گذرندي اسان جي گاڏي اڇي ڊبل ڪيبن سان ٽڪرائي. سلور رنگ جي ٻي گاڏي اسان جي گاڏي جو اڳيان رستو روڪيو درخواستگذار موجب ٻنهي گاڏين ۾ تقريبن 15 هٿياربند موجود هئا، منهنجي مڙس کي اهي زبردستي گاڏي مان لاهي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. منشا پاشا درخواست ۾ چيو آهي تہ پوليس منهنجي درخواست تي ڪيس داخل نہ پئي ڪري. جنهن لاءِ سياڻي عدالت سان رابطو ڪنديس پوليس موجب جبران ناصر جي گهرواري جي فرياد تي انجاتل ماڻهن خلاف ڪلفٽن ٿاڻي جي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اغوا جا قلم شامل ڪيا ويا آهن.

**بقايا ❋❋❋ 17**

رهي آهي. اها مهم 16 جون تائين جاري رهندي. هن پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو تہ مهم جو مقصد ٽيڪس نہ ادا ڪندڙ گاڏين کان ٽيڪس جي وصولي آهي. ڪراچي ۾ روڊ چيڪنگ مهم لاءِ 9 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جڏهن تہ ڪراچي ۾ 37 مختلف جڳهن تي چيڪنگ ڪندي. صوبائي وزير ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ انسداد منشيات مڪيش ڪمار چاولا چيو تہ انهن جڳهن ۾ ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، بروڪ چورنگي، سنگر چورنگي، ڊي ايچ اي قبرستان، سن سيٽ بوليوارڊ روڊ، طوبيٰ مسجد، سائٽ، منگو پير روڊ، بنارس چورنگي، حب ريور روڊ، مزار قائد، شاهراهہ قائدين، مسلم آباد، گلستان اسڪول، ڪارادر، ڪيماڙي، ڪوئينز روڊ، ڪلفٽن بات آئي لينڊ، شاهين ڪامپليڪس، پي آئي ڊي سي، مائي ڪولاچي بائي پاس، ملير ڪنٽونمينٽ، لانڍي انڊسٽريل ايريا، سعود آباد، ڪوڪراپار، پي آئي بي ڪالوني، تين هٽي، سولجر بازار، لسبيلا، جوهر چورنگي، ميٽرو ڪيش اينڊ ڪيري، ٽائم اسڪوائر، پهلوان گوٺ، ايف بي ايريا، ناظم آباد ۽ نارٿ ڪراچي شامل آهن هن چيو تہ ٽيڪس نہ ادا ڪندڙ گاڏين جي مالڪن کان پڻ درخواست ڪئي آهي تہ هو ڪنهن بہ ناخوشگوار صورتحال کان بچڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪس فوري طور تي ادا ڪن.

**بقايا ❋❋❋ 18**

خان جيل ۾ تشدد جي الزامن بابت سوال تي چيو تہ جيل ۾ ڪا زيادتي نہ ٿي. چو تہ اسان ڪجهہ ڪيو ئي ڪونہ تہ زيادتي جا چا ٿيندي. ٻي عورت چيو تہ ان کان وڌيڪ ڪهڙي زيادتي ٿي سگهي ٿي تہ اسان کي بي ڏوهہ جيل ۾ رکيو ويو آهي، عاليا حمزا چيو جيئن گهر تي ڪاهہ ڪئي وئي، چا اهو عمل مذمت جوڳو ناهي؟ هڪ عورت چيو تہ جيڪڏهن توهان کي سوشل اڪائونٽس سان مسئلو آهي تہ سوشل ميڊيا جا ڪيس ڪيو. ائين سياسي انتقام جو نشانو بڻائڻ ضروري آهي؟ واضح رهي تہ پي ٽي آءِ قيادت جي اڪثر عورت ڪارڪنن سان ٻري ورتاءُ جو الزام هنيو هو، جڏهن تہ اختيارين اهڙن الزامن جي ترديد ڪئي هئي.

**بقايا ❋❋❋ 19**

وزيراعظم جناب شهباز شريف سان ٿي ٿي سگهن ٿيون هن وضاحت ڪئي تہ پرويز الاهي جي خلاف ڪيس 9 مئي جي واقعن تي ٻڌل نہ آهي پر ان جي پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير طور مبينہ بدعنواني بابت آهي هن چيو تہ ڪيس تحريڪ انصاف کان الحيدگي وارو تہ آهي پرويز الاهي وڏي وزير طور پنهنجي موجوده دور ۾ گهڻي ڪرپشن ڪئي ۽ فرح گوگي وارو ڪم وڏي چالاڪي سان ڪيو ويو هن چيو تہ ليڪن ۾ 10 سيڪڙو ڪميشن ۽ گرين لينڊ کي براؤن لينڊ ڪرائي اربين رپيا ڪمايا جهاز جي ذريعي سندس پٽ مونس الاهي جي ڊالر ٻاهرين ملڪ منتقل ڪيا.

**بقايا ❋❋❋ 20**

مريضن کي هر قسم جي سهولتن جي فراهمي ۽ ان حوالي سان پيش ايندڙ مشڪلاتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اجلاس ۾ طاقتور پاڪستان پروگرام تحت هڪ لک ماڻهن کي 6 مهينن لاءِ راشن فراهم ڪرڻ جي منصوبي تي بہ غور ڪيو ويو، اجلاس ۾ ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان، ميونسپل ڪمشنر، سينيئر ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز، اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ پڻ شرڪت ڪئي. ياد رهي تہ گورنر سنڌ طاقتور پاڪستان پروگرام جو برانڊ ايمبيسيڊر پڻ آهي. گورنر سنڌ چيو تہ عباسي شهيد ۽ سوڀراج بلديہ عظميٰ جا اهم ترين طبي مرڪز آهن. هن چيو تہ بلديہ عظميٰ جي سمورن طبي مرڪزن کي خاص ڪري انهن ٻنهي اسپتالن جي بهتري اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو تہ طبي مرڪزن ۾ ايندڙ ضرورتمند مريضن کي طاقتور پاڪستان پروگرام تحت راشن بہ ڏنو ويندو. 27 ڪلوگرام جي راشن واري بيگ ۾ مختلف سامان شامل هوندو راشن جو بندوبست پنجن ماڻهن جي گهروارن جي حساب سان ڪيو ويو آهي، سنڌ جي گورنر چيو تہ راشن جا ٿيلها گورنر هائوس پهچڻ شروع ٿي ويا آهن، ضرورتمند ماڻهو جلد کان جلد رجسٽريشن ڪرائين. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو تہ ذاتي طور تي راشن بيگز جي ورڇ جي عمل جي نگراني ڪندو

**بقايا ❋❋❋ 21**

فيصل آباد ۾ شهيدن جي يادگار ۽ جي ايچ ڪيو تي حملو ڪيو ويو، موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ سمورين سياسي پارٽين وچ ۾ ڳالهيون ٿيون، فائدو ٿي سگهي ٿو. صبر ۽ برداشت جي کوٽ سبب جمهوريت نٿي هلي سگهي، چونڊون تہ ٿيون ٿين، جنهن سان رياست کي خطرو آهي. اندروني خطرا ٻاهرين خطرن کي دعوت ڏين ٿا، فوج رياست کي بچائي ٿي، اسان کي پنهنجي فوج تي ڀروسو آهي. فخر امام احمد رضا نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي قصوري وڌيڪ چيو تہ عدليہ، مقننہ ۽ پارليامينٽ جون پنهنجون حدون آهن. ڪو بہ ادارو ڪنهن ٻئي اداري جي معاملن ۾ مداخلت نہ ٿو ڪري سگهي چو تہ آهوان سان ٽڪراءُ ڪري ٿو عدليہ پارليامينٽ جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ چاهي ٿي، پارليامينٽ مڪمل طور تي آزاد آهي. هڪ ادارو ٻئي اداري ۾ ٽيو ڏئي رهيو آهي، اسان وٽ آئيني ڊيڊ لاڪ آهي، عدليہ کي پارليامينٽ ۾ ڪارروائي جو مطالبو ڪرڻ جو اختيار ناهي، ملڪ ۾ معيشت هڄڻ گهرجي، پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ حالتون پيدا ڪيون پيون وڃن، آئين ۽ رياست آمهون سامهون آهن تہ پوءِ رياست بچائڻ ئي ڪان بهتر آهي. 1971ع ۾ رياست کي بچائڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي وئي، اڄ پاڪستان ٽنتدي ڏنو ويو، اڄ بہ اها ئي صورتحال ڏسي رهيا آهيون، اسان وٽ دنيا جي ڇهين وڏي فوج آهي، اسان وٽ معدنيات جا سڀ کان وڌيڪ ذخيرا آهن. هي ڪنهن بہ طرح غريب ملڪ ناهي، سياستدانن ملڪ کي لٽيو آهي. ڳالهيون هلي رهيون آهن. موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ واحد رستو مفادن جو خاتمو هوندو. ملڪ ۾ چونڊون تہ ڪرايون وڃن. جنهن سان رياست کي خطرو آهي. اندروني خطرا ٻاهرين خطرن کي دعوت ڏين ٿا، فوج رياست کي بچائي ٿي، پيدا ڪرڻ هائبرڊ جنگ آهي. هائبرڊ جنگ آهي، سوچ ۽ پئسو پرڏيهہ ۾ آهي جڏهن تہ اسان جا پنهنجا هٿ ملوث آهن.

**بقايا ❋❋❋ 22**

صوبائي وزيرگيانچند ايسراڻي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ڪنهن کي بہ عوام جي جان، مال ۽ عزت ۽ آبرو سان کيڏڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي ان واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري مقرر سزا ڏني ويندي، صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي ڏاڙي جي واقعي تي آئي جي سنڌ سان رابطو ڪيو ۽ جوابدار کي فوري گرفتار ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ان کان اڳ صوبائي وزير اقليتي معاملا زخمي ٿيڻ واري پوهومل جي عيادت لاءِ مقامي اسپتال پڻ ويو جتي اسپتال مينيجر ڊاڪٽر انوپ ڪمار صوبائي وزير جي آجيان ڪئي ان موقعي تي گيانچند ايسراڻي اسپتال انتظاميا کي زخمي پوهومل کي مڪمل علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ان موقعي تي مکي ڪيمر چند ۽ ٻيا ماڻهو پڻ موجود هئا.

**بقايا ❋❋❋ 23**

حڪومت پاڻي چورن ۽ قبضي ڪندڙن کي سخت سزا ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي، اجلاس ۾ صوبائي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ، ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ، سينيئر ميمبر بورڊ آف ريونيو بقا الله اڻڙ، ميونسپل سيڪريٽري سيد نجم احمد شاهہ، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي، واٽر بورڊ، پوليس ۽ رينجرز جي عملدارن شرڪت ڪئي. ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي، ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي، ڪي ايم سي ۽ واٽر بورڊ جي زمين تي قبضي بابت رپورٽ پيش. اجلاس کي خطاب ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ چيو تہ ڪراچي شهر ۾ حدخلين ۽ پاڻي چورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، اڄ اوڀر ضلعي ۽ اولهہ ضلعي ۾ غير قانوني هائيڊرنٽس خلاف آپريشن ڪيو ويندو، جيڪڏهن غير قانوني هائيڊرنٽس ٻيهر فعال ٿيا تہ لاڳاپيل ايس ايچ او خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت وڌيڪ چيو تہ حدخلين ۽ غير قانوني هائيڊرنٽس خلاف آپريشن ۽ ضلعي انتظاميا سان گڏ پوليس ۽ رينجرز بہ حصو وٺندي. هن وڌيڪ چيو تہ اينٽي انڪروچمينٽ فورس کي مزاحمت جي منهن ڏيڻ لاءِ، سامان فراهم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ صوبائي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ غير قانوني حدخلين خلاف آپريشن بنا فرق جي ڪيو ويندو. شهر جو سڀ کان وڌيڪ پاڻي اوڀر ۽ اولهہ ضلعن مان چوري ٿي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي بجيٽ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. اينٽي انڪروچمينٽ فورس کي بہ وڌيڪ اهلڪار ۽ اختيار ڏنا ويندا.

**بقايا ❋❋❋ 24**

۾ معمولي ڳالهہ تان ٻن شاگردياڻين ناحيل مهيسر ۽ نساءِ وسان ۾ منهن ماري ٿي، جنهن بعد نساءِ وسان طرفان 5 عورتن امتحاني سينٽر ۾ داخل ٿي هلندڙ پيپر ۾ ناحيل مهيسر تي ڪلاس اندر حملو ڪيو ويو، جوابدار عورتن شاگردياڻي کي وارن کان گهلي سخت مارڪٽ ڪئي ۽ کيس زخمي ڪري مٿي جا وار پٽي ڇڏيا، تشدد ۾ ناحيل بيهوش ٿي وئي ۽ جوابدار عورتون آساني سان امتحاني سينٽر مان هليون ويون. وائيس آف خيرپور جي اڳواڻ عوامي آواز سان ڳالهائيندي چيو تہ وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي جو امتحاني سينٽر ۾ اهڙا واقعا پيش اچن ٿا ۽ ڪير روڪڻ وارو ناهي. اسڪول ۾ موجود پرنسپال توڙي سينٽر تي مقرر پوليس اهلڪارن ڪو قدم نہ کنيو ۽ پرنسپال صاحب پنهنجي آفيس تائين محدود رهي، هن چيف جسٽس آف سنڌ کان مطالبو ڪيو تہ نوٽيس وٺي ضلعي انتظاميا، اسڪول انتظاميا، تعليم کاتي جي عملدارن ۽ ٻين ذميوارن کان پڇاڻو ڪري نياڻي سان انصاف ڪيو وڃي.

**بقايا ❋❋❋ 25**

رهيو آهيان، هڪ سال کان نيب عدالت ۾ پيش ٿي رهيا آهيون، ڪوڙا ڪيس ناهڻ جو سلسلو هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي، مان پڻ بغاوت جي ڪيس کي منهن ڏئي رهيو آهيان، هن چيو تہ مون کي هر ڀيري سوال ايندو آهي تہ ميان صاحب ڪڏهن ايندو، هن چيو تہ حڪومت اسان جي ناهي، پ ب جي حڪومت آهي، نواز شريف انصاف تي يقين رکي ٿو تہ 9 مئي سانحي بابت هڪ سوال جي جواب ۾ ڪيپٽن (ر) صفدر چيو تہ ڀارت جيڪو نہ ڪري سگهيو، اهو عمران خان پنهنجي ايجنٽن ذريعي ڪيو

**بقايا ❋❋❋ 26**

ڪرايو ويو تفصيل موجب 27 ڊسمبر تي ڪراچي جي سعيد آباد واري علائقي مان 13 ورهين جي عيسائي ڇوڪري مشال منور کي اغوا ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس سعيد آباد ٿاڻي ۾ گذريل سال 31 ڊسمبر تي مشال جي والد جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو ڇوڪريءَ جي والدين پاران سنڌ ڪميشن آن اسٽيٽس آف وومين سان بہ رابطو ڪيو ويو پر ڇوڪريءَ جي بازيابي نہ ٿيڻ تي ڪميشن ڪيس سنڌ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ وومين ڊولپمينٽ سنڌ جي صوبائي وزير سيده شهلا رضا بہ مشال جي بازيابي لاءِ آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ صوبي جا سمورا ايڊيشنل آءِ جيز پڻ موجود هئا. شهلا رضا ڇوڪري مشل جي بازيابي بابت جاچ واري عمل جي مڪمل فالو اپ رکي هئي. صوبائي وزير سيده شهلا رضا جي ذاتي دلچسپي ۽ آءِ جي سنڌ جي حڪم تي پوليس جي اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل ڪراچي جي علائقي قائد آباد مان ڇوڪري کي بازياب ڪرائي ٻن جوابدارن محمد نعمان ولد حنيف ۽ لعل محمد ولد يعقوب کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس نينگري مشل کي عدالت ۾ پيش ڪيو جتي معزز عدالت نينگري مشل کي سندس خواهش موجب والدين سان گڏ وڃڻ جو حڪم جاري ڪيو، جنهن بعد مشل کي والدين حوالي ڪيو ويو. ياد رهي تہ صوبائي وزير سيده شهلا رضا، سنڌ وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ سنڌ پوليس جي گڏيل ڪوشش سان گذريل ٻن مهينن دوران سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن مان اغوا ٿيل 7 ڇوڪرين کي بازياب ڪرايو ويو آهي.

**بقايا ❋❋❋ 27**

نوجوان صدام لاشاري کي ميينا مقابلي ۾ چار گوليون لڳيل آهيون ٻہ گوليون سيني ۾ ۽ ٻہ گوليون جسم جي مختلف حصن ۾ لڳيون هيون جيڪي پسٽل جون نہ پر رائيفل جون آهن. گولين لڳڻ سبب صدام لاشاري جي جسم ۾ 8 زخم ٿيا. پوسٽ مارٽم رپورٽ نوجوان صدام لاشاري کي گولين لڳڻ سبب سيني جون ٻئي پاسيرين پچي پيون نوجوان صدام جو موت ڦڦڙن جو ڦاٽڻ، مادي جو ڦاٽڻ ۽ وڏي آندي جي ڦاٽڻ سبب ٿيو آهي.

**بقايا ❋❋❋ 28**

ڪميونٽي سروس جي سزا ٻڌائي. جاسمين هارٽن کي اپريل ۾ هڪ پوليس آفيسر جي قتل جو الزام ثابت ٿيڻ تي ڏوهاري قرار ڏنو ويو هو عدالتي فيصلي موجب کيس 30 هزار پائونڊ هڪ سال جي اندر ادا ڪرڻا آهن ٻي صورت ۾ کيس 12 مهينا جيل جي سزا ٿي سگهي ٿي ان سان گڏ کيس هڪڙو وڊيو پيغام بہ جاري ڪرڻو آهي جنهن ۾ هوءَ نشي جي حالت ۾ اسلحي جي غلط استعمال جي نقصان کان ماڻهن کي آگاهہ ڪندي. جاسمين هارٽن پنهنجي بيان ۾ عدالت کي ٻڌايو هو تہ هو پنهنجي دوست برطانوي واپاري لارڊ مائيڪل ايشروف جي پٽ اينڊريو ايشروف سان گڏ هڪ ٻيٽ تي پارٽي ڪري رهي هئي. هو ٻئي نشي جي حالت ۾ هئا سندس دوست هن کي پنهنجي گن سنڀالڻ لاءِ ڏني هن ٻڌايو تہ ان وقت هڪ پوليس آفيسر اتي اچي ويو ۽ هن مون کان گن گهري پر نشي جي حالت ۾ مون کان گولي هلي وئي ۽ پوليس اهلڪار مارجي ويو هو واقعي کان پوءِ جاچ ۾ هن تي غير ارادي قتل جو ڏوهہ ثابت ٿيو جنهن تي عدالت کيس جيل جي سزا بدران ڏنڊ ۽ ڪميونٽي سروس جي سزا ٻڌائي ۽ ان سان گڏ نشي جي حالت ۾ اسلحي جي غلط استعمال جي نقصان بابت هڪ وڊيو پيغام جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

**بقايا ❋❋❋ 29**

سنڌ جي تعليم واري صوبائي وزير سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر (اي سي ٽي) جي خالي پوسٽن تي ڀرتي ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي تہ ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر (اي سي ٽي) جي خالي پوسٽن تي ڀرتي لاءِ ٿرڊ پارٽي ٽيسٽ طريقيڪار موجب ميرٽ تي ڀرتي جو عمل جلد مڪمل ڪيو وڃي. آفيسرن سان ملاقات ۾ صوبائي تعليم واري وزير کي ٻڌايو ويو تہ سال 2018 ۾ 1100 اي سي ٽي جاين تي ڀرتين جو اعلان ڪيو ويو هو جڏهن تہ IBA ٽيسٽ جي نتيجي ۾ 660 اميدوارن ٽيسٽ پاس ڪري نوڪريون حاصل ڪيون هيون. جڏهن تہ 400 کان وڌيڪ جايون خالي رهجي ويون. صوبائي تعليم واري وزير کي اهو بہ ٻڌايو ويو تہ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ اي سي ٽي جون 1100 کان وڌيڪ نيون پوسٽون شامل ڪيون ويون آهن هن مهل اي سي ٽي جي منظور ٿيل پوسٽن جو ڪل تعداد 1500 جي لڳ ڀڳ آهي. جنهن تي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ جلد ڀرتي جو مرحلو شروع ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو تہ پاليسي تحت ارلي چائلڊ هوڊ ٽيچر (اي سي ٽي) جي پوسٽ عورت اميدوارن لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي. ٻارن جي ابتدائي تعليم جي ضرورت کي محسوس ڪندي، ڊپارٽمينٽ ابتدائي چائلڊ هوڊ ڪلاس شروع ڪيا جيڪي عورتن لاءِ مخصوص آهن ان سان نہ رڳو پرائمري اسڪول سيڪشن مضبوط ٿيندو پر عورتن کي بهتر روزگار بہ ملندو ۽ تعليم کاتي کي سٺا استاد ملندا. سنڌ جي تعليم واري وزير اي سي ٽي جي سروس اسٽرڪچر ۽ پروموشن رولز بابت پڻ هدايتون ڏنيون.

**بقايا ❋❋❋ 30**

مراد سعيد کي پي ڪي، پنجاب ۽ اسلام آباد پوليس کي گهربل آهي. سندس گرفتاري لاءِ خيبرپختونخواهہ پوليس کي خاص ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي تہ مراد سعيد جي پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ موجودگي جا اطلاع ناهن پر سوات ۽ ٻٽ خيل ۾ سندس موجودگي جا اطلاع آهن. ٻئي طرف پوليس چارسده ۾ اڳوڻي صوبائي وزير عارف احمد زئي جي گهر تي ڇاپو هنيو پر اڳوڻو صوبائي وزير گهر تي موجود نہ هو جڏهن تہ ڳولا بعد پوليس اهلڪار واپس هليا ويا.

**بقايا ❋❋❋ 31**

چيو آهي تہ واٽر بورڊ نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن تہ صحت واري عالمي اداري پاران مقرر ڪيل معيار ۽ مقدار موجب شهرين کي فراهم ڪيل پاڻي ۾ ڪلورين جي گهربل مقدار شامل ڪئي پئي وڃي ان کان علاوہ هائيڊرنٽس سيل مان فراهم ٿيندڙ پاڻي ۾ ڪلورين ملائڻ جي عمل کي مڪمل يقيني بڻايو ويو آهي هن چيو واٽر بورڊ جا مختلف هنڌن تي قائم پنهنجي نو فلٽر پلانٽس ذريعي پاڻي ۾ مناسب ڪلورينيشن شامل ڪري رهيو آهي ان سلسلي ۾ سي او ڊي فلٽر پلانٽ، حب فلٽر پلانٽ، اين ٽي اولڊ، اين ٽي ڪي ٿي پيپري فلٽر پلانٽ سميت گهارو فلٽر پلانٽ مان باقاعدہ ڪلورين شامل ڪئي پئي وڃي. هن چيو سمورا فلٽر پلانٽس مناسب ڪلورينيشن لاءِ چوويهہ ڪلاڪ ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن تہ واٽر بورڊ هر مهيني ضرورت مطابق ڪلورين جا 240 سلنڊر استعمال ڪري ٿو. هن چيو تہ واٽر بورڊ ٻن مرحلن ۾ پاڻي ۾ ڪلورين شامل ڪندو آهي، پهرين مرحلي ۾ پري فلٽريشن ڪلورينيشن 1.0 پي پي ايم جڏهن تہ ٻئي مرحلي ۾ پوسٽ فلٽريشن ڪلورينيشن 2.0 پي پي ايم تي شامل ڪئي ويندي آهي ان کان علاوہ ليب يونٽ اسٽاف واٽر بورڊ شهر جي مختلف علائقن ۾ پاڻي ۾ ڪلورين جي مقدار کي چيڪ ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي سي اي او واٽر بورڊ شهرين کي مشورو ڏيندي چيو تہ صارفين هر مهيني عمارتن جي زير زمين ۽ اوور هيڊ ٽينڪن کي چڱي ريت صاف رکن ۽ شهري هڪ هزار گيلن جي پاڻي جي ٽينڪ ۾ هڪ ڪلورين گوري استعمال ڪن جيڪا 15 ڏينهن لاءِ ڪافي آهي. هن وڌيڪ چوڻ هو تہ واٽر بورڊ صحت کاتي سميت سنڌ حڪومت جي ٻين لاڳاپيل ادارن سان گڏ نيگليريا وائرس خلاف جنگ ۾ مصروف آهي اگر اسان سڀ گڏجي سمورين هنن احتياطي تدبيرن تي عمل ڪريون تہ ان خطرناڪ مرض کان سئو سيڪڙو محفوظ رهي سگهون ٿا.

**بقايا ❋❋❋ 32**

فيصل آباد ۾ شهيدن جي يادگار ۽ جي ايچ ڪيو تي حملو ڪيو ويو، موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ سمورين سياسي پارٽين وچ ۾ ڳالهيون ٿيون، فائدو ٿي سگهي ٿو. صبر ۽ برداشت جي کوٽ سبب جمهوريت نٿي هلي سگهي، چونڊون تہ ٿيون ٿين، جنهن سان رياست کي خطرو آهي. اندروني خطرا ٻاهرين خطرن کي دعوت ڏين ٿا، فوج رياست کي بچائي ٿي، اسان کي پنهنجي فوج تي ڀروسو آهي. فخر امام احمد رضا نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي قصوري وڌيڪ چيو تہ عدليہ، مقننہ ۽ پارليامينٽ جون پنهنجون حدون آهن. ڪو بہ ادارو ڪنهن ٻئي اداري جي معاملن ۾ مداخلت نہ ٿو ڪري سگهي چو تہ آهوان سان ٽڪراءُ ڪري ٿو عدليہ پارليامينٽ جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ چاهي ٿي، پارليامينٽ مڪمل طور تي آزاد آهي. هڪ ادارو ٻئي اداري ۾ ٽيو ڏئي رهيو آهي، اسان وٽ آئيني ڊيڊ لاڪ آهي، عدليہ کي پارليامينٽ ۾ ڪارروائي جو مطالبو ڪرڻ جو اختيار ناهي، ملڪ ۾ معيشت هڄڻ گهرجي، پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ حالتون پيدا ڪيون پيون وڃن، آئين ۽ رياست آمهون سامهون آهن تہ پوءِ رياست بچائڻ ئي ڪان بهتر آهي. 1971ع ۾ رياست کي بچائڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي وئي، اڄ پاڪستان ٽنتدي ڏنو ويو، اڄ بہ اها ئي صورتحال ڏسي رهيا آهيون، اسان وٽ دنيا جي ڇهين وڏي فوج آهي، اسان وٽ معدنيات جا سڀ کان وڌيڪ ذخيرا آهن. هي ڪنهن بہ طرح غريب ملڪ ناهي، سياستدانن ملڪ کي لٽيو آهي. ڳالهيون هلي رهيون آهن. موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ واحد رستو مفادن جو خاتمو هوندو. ملڪ ۾ چونڊون تہ ڪرايون وڃن. جنهن سان رياست کي خطرو آهي. اندروني خطرا ٻاهرين خطرن کي دعوت ڏين ٿا، فوج رياست کي بچائي ٿي، پيدا ڪرڻ هائبرڊ جنگ آهي. هائبرڊ جنگ آهي، سوچ ۽ پئسو پرڏيهہ ۾ آهي جڏهن تہ اسان جا پنهنجا هٿ ملوث آهن.

**بقايا ❋❋❋ 33**

هڪ ٽوئيٽ ۾ پرڏيهي وزير چيو تہ هن کان اڳ 198 ڀارتي ماهيگيرن کي هن سال 12 مئي تي وطن واپس اماڻيو ويو هو هن چيو تہ هي قدم پاڪستان جي انساني همدردي جي معاملن تي سياست نہ ڪرڻ جي پاليسي مطابق آهي بلاول ڀٽو چيو تہ اسان کي همدردي کي سياست تي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

# دادو ۾ امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، جوابدار پيش

## ڪيس جي ٻڌڻي دوران امر رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو سان گڏ عدالت پهچي وئي

## الزام هيٺ آيل جوابدارن ايم پي اي سردار چانڊيو ۽ برهان چانڊيو جي به تلاشي ورتي وئي

## فريادي پرويز چانڊيو جي تلاشي تي امر رباب جي حامي جي پوليس سان منهن ماري پڻ ٿي

دادو(ن سنڌيار) امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرڀاتين ڏاڏي ڪرم الله چانڊيو، والد مختيار چانڊيو، چاچي قابل چانڊيو جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي، امر رباب چانڊيو ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو سان گڏ عدالت پهچي وئي، الزام هيٺ آيل ايم پي اي پاٽر سردار احمد چانڊيو ۽ برهان چانڊيو به عدالت ۾ پيش، ڪيس ۾ گرفتار جوابدار علي گوهر، مرتضيٰ، ذوالفقار، سڪندر چانڊيو ۽ ان وقت جو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو ڪي پوليس عدالت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

# آفيس آف دي
# ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج
# ڪراچي سينٽرل

No.A/C/1622/2023

ڪراچي، تاريخ: 31.05.2023

## اشتهار

ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ ڪراچي سينٽرل ۾ هيٺين خالي جاين تي ڀرتي ڪرڻ لاءِ اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي هر پوسٽ جي مقابلي ۾ هيٺ ڏنل شرطن کي پورا ڪن ٿا.

| ايس آر نمبر | پوسٽ جو ٽائٽل ۽ گريڊ | گهٽ ۾ گهٽ قابليت ۽ عمر جي حد |
|---|---|---|
| 01 | اسٽينوگرافر (بي پي ايس_16) | 1. انٽرميڊيئيٽ<br>2. ٽائپنگ اسپيڊ 40 WPM<br>3. شارٽ هينڊ اسپيڊ 80 WPM<br>4. ايم ايس آفيس ۾ پروفيشنسي<br>5. عمر جي حد (21 کان 25 سال)<br>6. ترجيحن ڊسٽرڪٽ سينٽرل ڪراچي |
| 02 | هارڊ ويئر ۽ نيٽ ورڪ ٽيڪنيشن (بي پي ايس_14) | 1. ڪمپيوٽر سائنس ۾ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڪلاس بيچلر ڊگري / آئي ٽي/ ٽيليڪميونيڪيشن يا هارڊويئر/نيٽورڪ ۾ هڪ سالا ڊپلو سان گريجوئيٽ ڊگري |
| 03 | ڪمپيوٽر آپريٽر | 1. انٽرميڊيئيٽ<br>2. ٽائپنگ اسپيڊ 40 WPM<br>3. ڪنهن تسليم ٿيل آئي ٽي انسٽيٽيوشن مان ڊپلوما جو پاسيز سرٽيفڪيٽ<br>4. عمر جي حد (21 کان 25 سال)<br>5. ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل |
| 04 | جونيئر ڪلارڪ (بي پي ايس_11) | 1. انٽرميڊيئيٽ<br>2. ٽائپنگ اسپيڊ 40 WPM<br>3. تسليم ٿيل انسٽيٽيوشن مان ايم ايس آفيس جو ضرور پاسيز سرٽيفڪيٽ<br>4. عمر جي حد (21 کان 25 سال)<br>5. ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |
| 05 | سي سي ٽي وي آپريٽر (بي پي ايس_05) | 1. ميٽرڪ<br>2. پرائي تجربي طور ڪم ڪندڙ سي سي ٽي آپريٽر کي ترجيح ڏني ويندي.<br>3. عمر جي حد (20 کان 28 سال)<br>4. ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |
| 06 | نائب قاصد | 1. مڊل<br>2. عمر جي حد (20 کان 28 سال)<br>3. ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |
| 07 | چوڪيدار | 1. پرائمري<br>2. عمر جي حد (20 کان 28 سال)<br>3. ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |
| 08 | فاراش (بي پي ايس_01) | 1. پرائمري<br>2. عمر جي حد (20 کان 28 سال)<br>ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |
| 09 | سوئيپر (بي پي ايس_01) | 1. عمر جي حد (20 کان 28 سال)<br>ڊوميسائيل ڪراچي_سينٽرل صرف |

### درخواست جمع ڪرائڻ جو طريقيڪار

1. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي هدايتن موجب ايس. نمبر 1 کان 4 تائين پوسٽ لاءِ شروعاتي ٽيسٽ IBAٽيسٽنگ سروس سکر ذريعي ورتي ويندي. جيڪي ماٺوا هڙي ٽيسٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪن ٿا انهن جو وڌيڪ جائزو انٽرويو ذريعي ڪيو ويندو. اميدوار درخواست فارم ۽ چالان فارم سکر IBAيونيورسٽي جي ويب سائيٽ www.iba_suk.edu.pkيا SIBAٽيسٽنگ سروسز جي ويب سائيٽ www.sts.net.pkتان ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا.
2. پوسٽن لاءِ درخواست فارم نمبر 1 کان 4 تي، مڪمل طور تي پريو ويو_ ۽ اصل آن لائن جمع سلپ سان گڏ، تصديق ٿيل ڪاپيون PRC، تعليمي سرٽيفڪيٽ CNIC، ڊوميسائل، معذورن جي، ۽ ان صورت ۾ تجربو سرٽيفڪيٽ معذوري سرٽيفڪيٽ. مجاز اٿارٽي ۽ 02 تازيون تصويرون هن اشاعت جي 15 ڏينهن اندر پروجيڪٽ مئنيجر SIBA (DSCE)، ٽيسٽنگ سروس STS)، سکر IBAيونيورسٽي ايئرپورٽ روڊ سکر ٽيليفون نمبر:60_ 0715644159 تائين پهچڻ گهرجن.
3. سرڪاري ملازمن کي مناسب چينل ذريعي درخواست ڏيڻ گهرجي. سول سرونٽس لاءِ وڌ ۾ وڌ عمر جي حد مناسب چينل ذريعي 30 سال آهي.
4. صرف اسٽينو گرافر جي پوسٽ لاءِ وڌيڪ عمر وارا اميدوار (S.No.1)جيڪي ٻئي ضلعي جو ڊوميسائيل رکن ٿا. اهي پڻ درخواست ڏئي سگهن ٿا معزز چيف جسٽس، سنڌ هاءِ ڪورٽ آف سنڌ، ڪراچي جي رعايت سان. جيڪڏهن اهي مقرري لاءِ اهل آهن .
5. ٽيسٽ/انٽرويو ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪو به TA/DAادا نه ڪيو ويندو.
6. چونڊ لاءِ ڪو به خارجي اثر لاڳو ٿيل پوسٽ لاءِ نااهليءَ جو سبب بڻجندو.
7. اميدوار انٽرويو جي وقت، پاڻ سان گڏ اصل دستاويز آڻيندا.
8. چونڊ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.
9. S.No. 5 کان 9 مقرر ڪيو ويو آهي 15.06.2023.
10. 06.03.2021 جي اشتهار جي نظر ۾ حاصل ڪيل درخواستون هن اشتهار سان غور ڪيو ويندو. تنهن ڪري اهي درخواست ڪندڙ انهن پوسٽن لاءِ ٻيهر درخواست نه ڪن.

# ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج
# ڪراچي سينٽرل

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ

INF/KRY#2304/2023

# حڪومت سنڌ
# ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ

## پروپوزل لاءِ گذارش (RFP)

**"ٿر ڪول فيلڊ ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اپياس/آڊٽ پوسٽ ڪمرشل پيداواري منظرنامي ڪي منظر ڪرڻ لاءِ صلاحڪارن جي چونڊ".**

ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ، سنڌ حڪومت، "ٿر ڪول فيلڊ ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اپياس/آڊٽ پوسٽ ڪمرشل پروڊڪشن منظرنامي ڪي منظر ڪرڻ" لاءِ هڪ صلاحڪار فرم (ن) کي ڀرتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جنهن ۾ اسائنمينٽ جا شرط شامل هوندا. پنيان بهرحال، تفصيلي TORS، قابليت، تشخيص، معيار ۽ ڪم جو دائرو RFPدستاويز ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

- ٿر ڪول فيلڊ ۾ ماحولياتي سماجي اپياس/آڊٽ پوسٽ ڪمرشل پيداواري منظرنامو ۽ ان سلسلي ۾ کنيل قدمن جو جائزو وٺڻ. جنهن کي عوام جي آگاهي لاءِ پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا تي شايع ڪيو وڃي.
- Block_I، Block_II ۽ لاڳاپيل ۾ ٿر ڪول فيلڊز جي ترقي کان پوءِ تعمير کان اڳ ۽ بعد جي بنيادي صورتحال جو جائزو وٺڻ.

قابليت جا معيار:

a) ICAPسان رجسٽرڊ فرمز پاران صحيح طور تي آڊٽ ڪيل گذريل ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ جي منظوري ڏني وئي.
b) گهٽ ۾ گهٽ ٽن منصوبن جي لاڳاپيل شعبن ۾ ثابت ٿيل ٽريڪ رڪارڊ ۽ گهٽ ۾ گهٽ 10 سالن جو تجربو آهي. ساڳئي ڪم جو حوالو ۽ خريداري ايجنسين کان اطمينان بخش مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ.
c) هڪ حلف نامو جنهن فرم کي GoS / GOPجي ڪنهن به ڊپارٽمينٽ طرفان ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ صحيح طور تي نوٽري پبلڪ (اوٿ ڪمشنر)
d) صحيح لاڳاپيل درجي "1232" (ii)(ماحولياتي منصوبابندي ۽ تحفظ) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ سان ڳنڍيل هجي.
e) FBR ۽ SRBجي صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي هميشه سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي.
f) اصل پاور آف اٽارني جيڪا قانوني حيثيت رکي ٿي جيڪا ثابت ڪري ٿي ته ڪنسورشيم جي فرمن سان لاڳاپا.
g) گذريل ٽن سالن جو سراسري مالي ٽرن اوور 75 ملين (پاڪ روپين) کان وڌيڪ هجڻ گهرجي.

دلچسپي رکندڙ صلاحڪار فرم (س) کي گذارش آهي ته اهي مقرر ڪيل آر ايف پي تي پنهنجون ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويزون جمع ڪرائين. جيڪي هن آر ايف پي جي اشاعت جي تاريخ کان 20.06.2023 تائين ڪنهن به ڪم ڪندڙ ڏينهن تي هيٺ ڏنل ايڊريس تان گڏ ڪري سگهجن ٿيون. آر ايف پي دستاويز ويب سائيٽن www.tceb.gos.pk ۽ www.ppmssindh.gov.pk تان به ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ٽيڪنيڪل ۽ مالي پروپوزل کي هيٺ ڏنل ايڊريس تي پيش ڪيو وڃي ٿو نه دير سان 21.06.2023 تي 2:00 وڳي پي آرڊر / بئنڪ ڊرافٽ سان گڏ رپيا. 3,000 (غير واپسي RFPدستاويزن جي فيس) ۽ 2 سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ جي حق ۾ ڪل بولي جي مالي تجويز جي سيل ٿيل لفافي ۾. صرف ٽيڪنيڪل پروپوزل 21.06.2023 تي 2:00 وڳي کوليا ويندا . مهرباني ڪري نوٽ ڪريو ته چونڊ SPPضابطن جي مطابق ڪئي ويندي.

نوٽ: (i)بڊنگ جي عمل جو جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾، پروپوزل جمع ڪرائڻ جي تاريخ 10.07.2023 منجهند 02:00 وڳي هوندي ۽ صرف ٽيڪنيڪل پروپوزل ان ئي تاريخ تي 02.30 تي کوليو ويندو (ii)صورت ۾ پروپوزل جي جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ڪنهن به سبب جي ڪري حڪومت طرفان سرڪاري موڪل جو اعلان ڪيو ويو آهي، ايندڙ سرڪاري ڪم واري ڏينهن تي پروپوزل جي جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي ڪئي ويندي.

**ڊائريڪٽر (ايڊمن اينڊ فنانس)،**
ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ،
حڪومت سنڌ

ايڊريس: پهرين ماڙ، اسٽيٽ لائيف بلڊنگ نمبر 3، ڊاڪٽر ضياءُ الدين احمد روڊ سامهون سي ايم هائوس ڪراچي.
فون نمبر: 29_99207528_021
فيڪس: 99207534_021
اي ميل: diradmin@tceb.gos.pk

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ

INF/KRY#2347/2023

# تصحيح

## انرجي آڊيٽنگ/انتظام تي تربيت جي عمل لاءِ شعبن جي ماهرن/ تربيت ڏيندڙن جي لسٽ

21.05.2023 تي اخبارن ۾ PID(I)No.7105/22ذريعي ۽ 22.05.2023 تي PPRA۾ TS511262Eذريعي اخبارن ۾ شايع ٿيل حوالن جي مضمون جو اشتهار. درخواستون بند ڪيون وينديون 02:00 وڳي 06 جون 2023 تي ۽ ساڳئي ڏينهن 2:45 وڳي کوليون وينديون.

مئنيجر ٽيڪنيڪل_ECF
NEECAبلڊنگ، سيڪٽر G_5/2، اسلام آباد
فون: 2272649_051

PID (I) No.7461/22